روزاني
سنڌيار
ڪراچي
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Reg No 2677
ABC Certified
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com
جلد: 11 | سومر 03 جولائي 2023ع بمطابق 14 ذوالحج 1444ھ | شمارو: 254 | قيمت 10 روپيا

سنڌ سميت ملڪ جي مختلف حصن ۾ تيز برسات جي اڳڪٿي، ٻوڏ ۽ لينڊ سلائيڊنگ جو خدشو

عربي سمنڊ ۾ گهميل هوائون مُلڪ جي مٿانهن علائقن داخل ٿي رهيون آهن 8 جولاءِ تائين سموري مُلڪ ۾ چوماسي جون برساتون شروع ٿيڻ جو امڪان آهي: موسميات کاتو

ٽي کان اٺ جولاءِ تائين اسلام آباد، راولپنڊي، مري ۽ گليات ۾ تيز برساتن ۽ ڳڙي جو امڪان آهي

پنج کان اٺ جولاءِ تائين بارکان، لسبيلو، ڊي آءِ خان ملتان ۾ ڪنوڻ ۽ گجگوڙ سان گڏ برسات جو امڪان آهي

ست کان اٺ جولاءِ تائين ڪراچي، سکر، جيڪب آباد، ٺٽي، عمرڪوٽ ۽ حيدرآباد ۾ ڪنوڻ ۽ گجگوڙ سان گڏ تيز برسات جي اڳڪٿي ڪئي آهي

اربن فلڊنگ جو خدشو آهي جڏهن ته ڪشمير ۽ گلگت بلتستان جي جابلو علائقن ۾ لينڊ سلائيڊنگ جو به امڪان آهي

ڇهه کان ست جولاءِ تي تيز برساتن سبب ڊي آءِ خان ۾ ٻوڏ جهڙي صورتحال جو خدشو آهي

ڪراچي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) موسميات کاتي اڄ کان مُلڪ ۾ چوماسي جي سسٽم تحت تيز برساتن ۽ ڳڙي جي اڳڪٿي ڪئي آهي. موسميات کاتي موجب عربي سمنڊ ۾ گهميل هوائون مُلڪ جي مٿانهن علائقن داخل ٿي رهيون آهن جنهن تحت ٽي جولاءِ کان اٺ جولاءِ تائين سموري مُلڪ ۾ چوماسي جون برساتون شروع ٿيڻ جو امڪان آهي. موسميات کاتي جي اختيارين جو چوڻ آهي ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ٽوڪيو: پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري پاڪستاني ڪميونٽي کي خطاب ڪري رهيو آهي

جاپاني سيڙپڪار پاڪستان ۾ سيڙپڪاري ڪن، ڪين پرپور تحفظ فراهم ڪيو ويندو: بلاول

سمنڊ پار پاڪستاني ٻطرفن لاڳاپن کي هٿي ڏيڻ لاءِ ڪردار ادا ڪن، هو چاهن ٿا ته جاپان ۾ رهندڙ پاڪستاني برادريءَ جا مسئلا حل ٿين

پاڪستان جي آءِ ٽي سيڪٽر ۾ وڏي صلاحيت آهي، نوجوانن کي هنرمند ۽ باصلاحيت بڻائڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن،

پاڪستان ۽ جاپان ۾ زراعت جي شعبي ۾ ايڪسپورٽ وڌي، جاپاني سيڙپڪار پاڪستان ۾ سيڙپڪاري ڪن، ڀرپور تحفظ فراهم ڪيو ويندو

پاڪستان جي 65 سيڪڙو آبادي نوجوانن تي ٻڌل آهي، ملڪ جي نوجوانن کي روزگار جا موقعا ملڻ گهرجن

آءِ ٽي سميت ٻين شعبن ۾ سيڙپڪاري جا وسيع موقعا موجود آهن: پرڏيهي وزير جو ٽوڪيو ۾ پاڪستاني ڪميونٽي کي خطاب

ٽوڪيو (مر ڊ) پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري طرفان جاپاني سيڙپڪارن کي پاڪستان ۾ سيڙپڪاري جي دعوت ڏيندي چيو آهي ته جاپاني سيڙپڪار پاڪستان ۾ سيڙپڪاري ڪن، ڀرپور تحفظ فراهم ڪيو ويندو. ٽوڪيو ۾ پاڪستاني ڪميونٽي کي خطاب ڪندي پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چيو ته سمنڊ پار پاڪستاني ملڪ جو قيمتي اثاثو ۽ ملڪ جا سفير آهن هن چيو ته سمنڊ پار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

امداد، قرض ۽ وڏي سيڙپڪاري جا در کلي ويا

امداد جي مد ۾ جيڪي اربين رپيا رڪيل هئا، اهي به ملي ويندا: صحافي ظفر نقوي

ايشين بئنڪ، عالمي بئنڪ ۽ ٻين مالياتي ادارن کان به قرض ۽ مدد جا رستا صاف ٿي ويا آهن

سعودي عرب، قطر، بحرين، عرب عمارات، ترڪي ۽ ٻيا دوست ملڪ به دل کولي مدد ڪندا

اسلام آباد (مر ڊ) آءِ ايم ايف سان معاهدو ٿيڻ ڪانپوءِ دوست ملڪن کان وڏي مالي مدد ملڻ ۽ ملڪ ۾ پرڏيهي سيڙپڪاري جا رستا روشن ٿي ويا آهن. ناماياري صحافي ظفر نقوي جو چوڻ آهي ته امداد جي مد ۾ جيڪي اربين رپيا رڪيل هئا، اهي به ملي ويندا. جڏهن ته ايشين بئنڪ، عالمي بئنڪ ۽ ٻين مالياتي ادارن کان به قرض ۽ مدد جا رستا صاف ٿي ويا آهن چين اڳ ئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ڪراچي: ميئر ۽ سنڌ حڪومت ترجمان بئريسٽر مرتضيٰ وهاب صحافين سان ڳالهائي رهيو آهي

ميئر ڪراچي جو ڏڪڻ ۽ ملير ضلعي مان چونڊ وڙهڻ جو فيصلو

ميئر ڪراچي پنهنجي نائب سان گڏ مڪاني چونڊن ۾ حصو وٺڻ جو اعلان ڪيو

قانون موجب ڪراچي جي ميئر تي ڇهن مهينن اندر اليڪشن وڙهي چونڊجڻ لازم آهي

مرتضيٰ وهاب لاءِ پيپلز پارٽي جي ڪٽيل سيٽ خالي ڪئي ويندي: ذريعا

ڪراچي (مر ڊ) ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب ڏکڻ ۽ ملير ضلعي جي ٽڪ تان مڪاني چونڊن ۾ حصو وٺڻ جو اعلان ڪيو آهي، ميئر ڪراچي پنهنجي نائب سان گڏ مڪاني چونڊن ۾ حصو وٺڻ جو اعلان ڪيو آهي، مرتضيٰ وهاب ڏکڻ ۽ ملير ضلعي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

سعودي عرب مان حاجي سڳورن جي واپسي شروع

پي آءِ اي جون 2 اڏامون حاجين کي کڻي وطن واپس پهچي ويون

آپريشن تحت قومي ايئر لائين جي پهرين اڏام پي ڪي 832 جدي کان لاهور پهتي

ڪراچي (مر ڊ) قومي ايئر لائين پي آءِ اي جو حج ڪانپوءِ واري آپريشن شروع ٿي ويو آهي جنهن تحت به اڏامون حاجين کي کڻي وطن واپس پهچي ويون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

پي آءِ اي جي نجڪاري کي ايجنڊا
جو حصو نه بڻايو وڃي: اڳوٽو
چيئرمين سينيٽ ميان رضا رباني

اسلام آباد (مر ڊ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيئر ۽ اڳوڻي چيئرمين سينيٽ ميان رضا رباني چيو آهي ته قومي ايئر لائين پي آءِ اي جي نجڪاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

ماڻهن سنت ابراهيمي سٺي نموني ادا ڪئي، وزيراعظم

عيد تي وڏن شهرن خاص طور لاهور ۾ صفائي جا بهترين انتظام ڪيا ويا: شهباز شريف

مان سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ ڪمپنين جي آفيسرن ۽ انتظاميه کي خاص خراج تحسين پيش ڪريان ٿو

اسلام آباد (مر ڊ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته ماڻهن سنت ابراهيمي کي سٺي نموني ادا ڪيو. عيد تي وڏن شهرن خاص طور لاهور ۾ صفائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

سوئيڊن قرآن پاڪ جي بي
حرمتي واري واقعي کي انفرادي
قرار ڏئي رد ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سوئيڊن قرآن پاڪ جي بي حرمتي واري واقعي کي انفرادي قرار ڏئي رد ڪري ڇڏيو آهي پاڪستان ۾ سوئيڊن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

نواز شريف جي پ پ قيادت سان هڪ ٻي ملاقات رٿيل

نواز شريف ايندڙ هفتي پيپلز پارٽي جي قيادت سان هڪ ٻي ملاقات ڪندو: ذريعا

نواز شريف سان استحڪام پاڪستان پارٽي جي اڳواڻن سان به رابطا ٿيا آهن

دبئي (مر ڊ) پاڪستان مسلم ليگ نون جي قائد ۽ اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف جون دبئي ۾ اهم سياسي ملاقاتون جاري آهن ذريعن موجب، نواز شريف ايندڙ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

مڪاني ادارن جي سمورن نمائندن جو عوام جي خلمت لاءِ جوش ۽ جذبو ساراهه جي لائق آهي: سيد ناصر حسين شاهه

سمورا لوڪل گورنمينٽ جا ادارا ۽ نمائندا عوامي خدمت کي پنهنجو مقصد بڻائي چيئرمين بلاول ڀٽو جي ويزن کي پورو ڪري سگهن ٿا

ميڊيا عوامي شڪايتن کي اجاگر ڪري ۽ حڪومت انهن جي حل لاءِ هر ممڪن قدم کڻندي

قرباني جي جانورن جو اوجهه کڻڻ ۽ صفائي جي ڪم جاري رکيو ويندو: مڪاني ادارن وارو صوبائي وزير

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي بلديات کاتي واري وزير سيد ناصر حسين شاهه عيد الاضحيٰ جي حوالي سان پيپلز پارٽي سميت ٻين پارٽين جي چونڊيل مڪاني نمائندن جي ڪوششن کي ساراهيندي چيو ته مڪاني ادارن جي سمورن نمائندن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

"2018 جي سازش 1971 واري سانحي کان گهٽ نه هئي" احسن اقبال

آءِ ايم ايف سان معاهدو ناڻي واري وزارت جي ان ٽيم جي ڪاميابي آهي جنهن جي قيادت وزيراعظم ڪئي

پاڪستان تحريڪ انصاف آءِ ايم ايف سان معاهدو ناڪام بڻائڻ لاءِ لابنگ ڪئي پر ان باوجود موجودا حڪومت آءِ ايم ايف سان معاهدو ڪيو

آءِ ايم ايف سان معيشت بهتر ٿيندي ۽ رُپئي جي قدر مستحڪم ٿيندي: رٿابندي وارو وفاقي وزير

نارووال (مر ڊ) رٿابندي واري وفاقي وزير احسن اقبال 2018ع ۾ ن ليگ جي حڪومت ڪيرائڻ ۽ 1971ع جي سانحي برابر قرار ڏيندي چيو آهي ته 2018 ۾ پاڪستان جو مستقبل ڪسيو ويو. نارووال ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

عيدالاضحيٰ جي ڏينهن ۾ شهر مان هڪ لک 13 هزار 35 ٽن قرباني جي جانورن جا اوجهه هٽايا ويا آهي: مرتضيٰ وهاب

24 هزارن کان وڌيڪ عملي ڏينهن رات ڪم ڪيو، جنهن تي عملدارن، چونڊيل نمائندن، لاڳاپيل آفيسرن جو شڪر گذار آهيان

اسان متحد ٿي ئي شهرن جا مسئلا حل ڪري سگهون ٿا، چوماسي جي برساتن ۾ به ان ئي جذبي سان ڪم ڪنداسين: ميئر ڪراچي

عيد جي پهرئين ڏينهن پولو گرائونڊ ۾ چيو هو ته عملو ڪم ڪندي نظر ايندو: ڪلفٽن پارڪ ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي ميئر ۽ سنڌ حڪومت جي ترجمان بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته عيد الاضحيٰ جي ڏينهن ۾ شهر مان هڪ لک /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

ڪراچي جو ميئر مرتضيٰ وهاب

پيٽرول مهانگو نه ٿيو پر کير مهانگو ٿي ويو

ڊيري فارم مافيا ڪراچي ۾ کير جي اگهه ۾ ويهه رُپين جي غيرقانوني واڌ ڪري ڇڏي

کير جي سرڪاري ۽ غيرقانوني قيمت جو فرق وڌي 50 رُپيا في ليٽر تائين پهچي ويو

ڪراچي (مر ڊ) ڊيري فارم مافيا ڪراچي ۾ کير جي اگهه ۾ ويهه رُپين جي غيرقانوني واڌ ڪري ڇڏي، شهر ۾ کير به سئو ٽيهه رُپيا في ليٽر وڪامڻ لڳو شهري انتظاميا ۽ سنڌ حڪومت کير جي سرڪاري قيمت 180 رُپيا تي عملدرآمد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

فنانس ايڪٽ تي عمل شروع، سپر ٽيڪس نئين شرح سان لاڳو

ايف بي آر اهو ايڪٽ پنهنجي آفيشل ويب سائيٽ تي جاري ڪري ڇڏيو

سپر ٽيڪس جو انڪم سليب 30 ڪروڙ مان وڌائي 50 ڪروڙ ڪيو ويو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) نئين فنانس ايڪٽ 2023 تي عملدرآمد شروع ٿي ويو آهي. وڌيڪ آمدني تي اضافي سپر ٽيڪس نئين شرح /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڊي آءِ خان: فورسز تي حملو، جوابي ڪارروائي، 3 دهشتگرد مارجي ويا

رنجئي ۾ سرچ آپريشن دوران دهشتگردن سڪيورٽي فورسز تي فائرنگ ڪري ڏني

مقابلي ۾ سيڪيورٽي فورسز جو ڪو به جاني نقصان نه ٿيو

ڊيرا اسماعيل خان (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ڊيرا اسماعيل خان جي علائقي رنجئي ۾ سرچ آپريشن دوران دهشتگردن سڪيورٽي فورسز تي فائرنگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

وفاقي حڪومت وٽ فنڊز جي کوٽ آهي، آءِ ايم ايف معاهدو ٿيڻ لازمي آهي: ميان منشا

آءِ ايم ايف سان معاهدو ٿيڻ سان ملڪ ۾ بهتري ايندي. پر مسئلو اهو آهي ته ان کان پوءِ ڇا ڪرڻو آهي؟

اهو اهم سوال آهي، اوهان ڏسو ته اسان جي وفاقي حڪومت وٽ فنڊن جي تمام گهڻي کوٽ آهي

اهي صرف پئسا گڏ ڪندا آهن ته جيئن پگهارون ادا ڪري سگهن. اسان ڳالهيون ته گهڻيون ڪندا آهيون

اسلام آباد (مر ڊ) مشهور واپاري ۽ نشاط گروپ آف انڊسٽريز جي چيئرمين ميان محمد منشا چيو آهي ته وفاقي حڪومت وٽ فنڊن جي تمام گهڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

نشاط گروپ آف انڊسٽريز جي چيئرمين ميان منشا

ايندڙ اليڪشن ۾ بلاول ڀٽو وزيراعظم ٿيندو: قائم علي شاهه

پي ٽي آءِ حڪومت جي غلط فيصلن سبب پاڪستان جي معيشت تباهه ٿي

موجوده حڪومت معيشت جي بهتري لاءِ ڪم ڪري رهي آهي

خيرپور (رپورٽر) سنڌ جي اڳوڻي وڏي وزير قائم علي شاهه دعويٰ ڪئي آهي ته ايندڙ حڪومت پ پ جي آهي، بينظير جو لال بلاول ڀٽو وزيراعظم پاڪستان ٿيندو اڳوڻي وڏي وزير قائم علي شاهه پ پ اڳواڻ بشير شيخ سان عيادت ڪئي. جنهن دوران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڊاڙيلن خلاف فوج آپريشن نه ڪندي: آءِ جي سنڌ جي وضاحت

ڪشمور ڪنڌڪوٽ ضلعي مان اغوا ٿيل سمورن ماڻهن کي بازياب ڪرايو ويندو

گهوٽڪي ضلعي ۾ پوليس جي جوانن ۽ آفيسرز جانيون قربان ڪري امن ڪرايو آهي

ڪنڌڪوٽ (رپورٽر) آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ چيو آهي ته ڊاڙيلن خلاف آپريشن فوج نه پر پوليس ئي ڪندي. بيڪ اپ لاءِ رينجرز موجود هوندي هن چيو ته ڪشمور ڪنڌڪوٽ ضلعي مان اغوا ٿيل سمورن ماڻهن کي بازياب ڪرايو ويندو. جڏهن ته آءِ جي ايس ايس پي عرفان سمون کي فري هينڊ ڏئي ڇڏيو آهي ايس ايس پي ڪنڌڪوٽ جي آفيس ۾ پريس ڪانفرنس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

خانپور مهر پرسان نوجوان جي
اغوا جي تصديق، ڊاڙيلن طرفان
30 لک رپيا ڀنگ طلب

خانپور مهر (رپورٽر) خانپور مهر پرسان نوجوان جي اغوا جي تصديق. ڊاڙيلن طرفان 30 لک رپيا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

چونڊن بعد به اتحادي حڪومت ٺهندي، دبئي ۾ معاملا طئي

صرف ملڪ ۾ اتحادين جو اجلاس سڏائي رسمي اعلان ڪيو ويندو

مستقبل ۾ به اڃوڪن سمورن اتحادين جي گڏيل حڪومت هوندي: ذريعا

ڀلي ڪا سياسي پارٽي به ڀاڱي ٽي جي اڪثريت سان ڪامياب به ٿئي

لاهور (مر ڊ) پاڪستان جي سياست جو مرڪز لنڊن کان دبئي منتقل ٿيڻ بعد چونڊن، نگران حڪومت ۽ مستقبل بابت صلاح مشورا مڪمل ٿي ويا آهن. صرف ملڪ ۾ اتحادين جو اجلاس سڏائي رسمي اعلان ڪيو ويندو. ناماياري تجزيي نگار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

حڪومت جي سخت مخالفت، سينيٽ چيئرمين تاحيات مراعات جو بل واپس وٺڻ جو فيصلو ڪري ورتو

سينيٽ چيئرمين لاڳاپيل سينيٽرز کي بل واپس وٺڻ جون هدايتون جاري ڪري ڇڏيون

صادق سنجراڻي نجي بل کي فنانس بل سان گڏ منظور ڪرائڻ چاهيو ٿي

اسلام آباد (مر ڊ) حڪومت جي سخت مخالفت سبب سينيٽ چيئرمين صادق سنجراڻي سينيٽ چيئرمين جي تاحيات مراعات جو بل واپس وٺڻ جو فيصلو ڪري ورتو. تفصيل موجب سينيٽ چيئرمين لاڳاپيل سينيٽرز کي بل واپس وٺڻ جون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي وارو واقعو، اسلامي سهڪار تنظيم وڏو بيان ڏئي ڇڏيو

تمام اسلامي مُلڪ قرآن پاڪ ۽ پيغمبر اسلام جي توهين وارن واقعن جي روڪٿام لاءِ اجتماعي ۽ جوڳا قدم کڻن: حسين ابراهيم طحہٰ

هڪ طرف اسلامي دنيا عيدالاضحيٰ ملهائي رهي هئي ته ٻئي طرف ڪلام پاڪ کي ساڙڻ جهڙي ڪريل ۽ ناقابل برداشت حرڪت ڪئي وئي

قرآن پاڪ ۽ پيغمبر اسلام صلعم جي بي حرمتي کي ڪنهن به ريت برداشت نٿو ڪري سگهجي: اسلامي سهڪار تنظيم جو جنرل سيڪريٽري

او آءِ سي جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي اجلاس ۾ سيڪريٽري جنرل حسين ابراهيم طحہٰ خطاب ڪندي

جده (مر ڊ) سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي جي واقعي تي اسلامي سهڪار تنظيم (او آءِ سي) جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي اجلاس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

ايندڙ وقت اسان جو آ، معيشت
جي بحالي ۽ مهانگائي جي خاتمو
پهرين ترجيح آهي: نواز شريف

دبئي (مر ڊ) پاڪستان مسلم ليگ نون جي قائد ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

پيرجوڳوٺ پرسان ڪچي ۾ خوني تڪرار تان 5 ڄڻا قتل

ناريجا ذرجي فائرنگ ۾ عارف خروس مارجي ويو هو، جنهن بعد ڇڪتاڻ وڌي وئي، پوليس ترت ايڪشن نه ورتو

ڪچي جي ٻڪرار ناريجو ڳوٺ ۾ هٿياربندن حملو ڪري فائرنگ ڪري ڏني، جنهن جي نتيجي ۾ وڌيڪ 4 ڄڻا مارجي ويا

ڌرين ۾ ڪيترن ئي ڪلاڪن کان فائرنگ جو سلسلو جاري هجڻ سبب مقتولن جا لاش واقعي واري هنڌ پيل

پير جو ڳوٺ (رپورٽر) خروس ناريجا تڪرار تان وڌيڪ 4 ڄڻا مارجي ويا، جنهن بعد مارجي ويلن جو انگ 5 تي رسيو آهي ناريجا ذرجي فائرنگ ۾ عارف خروس مارجي ويو هو، جنهن بعد ڇڪتاڻ وڌي وئي، پوليس ترت ايڪشن نه ورتو ڪچي جي ٻڪرار ناريجو ڳوٺ ۾ هٿياربندن حملو ڪري فائرنگ ڪري ڏني، جنهن جي نتيجي ۾ وڌيڪ 4 ڄڻا مارجي ويا آهن ڌرين ۾ ڪيترن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

دبئي: ن ليگ سربراهه نواز شريف ۽ مريم نواز پارٽي ڪارڪنن سان ملاقات دوران ويٺل آهي

نوابشاهه: پيپلز پارٽي جي ڪو چيئرمين آصف زرداري سان ڏاڏو جو چيئرمين سيد محمد شاهه ملاقات ڪندي

حڪومت، مُلڪي ادارن خلاف فيٽف کي خط لکندڙن خلاف وڏو قدم کڻي ورتو

ڏوهاري ماڻهن فيٽف، آءِ ايم ايف ۽ ورلڊ بينڪ کي ملڪي ادارن خاص طور ڊرگ ريگوليٽري اٿارٽي خلاف خط لکيو هو

ڪجهه فارماسٽس طرفان عالمي مالياتي ادارن کي اي ميل ۽ خط لکيا ويا هئا: ذريعا

خط لکندڙ ماڻهو جعلي دوائن جي وڪري ۽ بليڪ ميلنگ جي ڪيسن ۾ ملوث آهن

اسلام آباد (مر ڊ) حڪومت ملڪي ادارن خلاف فنانشل ايڪشن ٽاسڪ فورس کي خط لکندڙ ماڻهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. اختيارين موجب، ڏوهاري ماڻهن فيٽف، آءِ ايم ايف ۽ ورلڊ بينڪ کي ملڪي ادارن خاص /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

بلوچستان ۾ ايف سي چيڪ پوسٽ تي حملو، چار اهلڪار شهيد، هڪ دهشتگرد مارجي ويو

دهشتگردن شيراني ضلعي جي علائقي دانه سر ۾ قائم چيڪ پوسٽ تي حملو ڪيو

دهشتگردن جي حملي ۾ 3 پوليس ۽ هڪ ايف سي اهلڪار شهيد ٿي ويو آهي: پوليس

فائرنگ جي واقعي بعد علائقي ۾ سرچ آپريشن شروع ڪيو ويو آهي

شيراني (مر ڊ) بلوچستان جي ضلعي شيراني ۾ سڪيورٽي چيڪ پوسٽ تي حملي جي نتيجي ۾ 4 اهلڪار شهيد ٿي ويا آهن پوليس اختيارين موجب، دهشتگردن شيراني ضلعي جي علائقي دانه سر ۾ قائم چيڪ پوسٽ تي حملو ڪيو. پوليس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

شيراني: ايف سي چيڪ پوسٽ تي حملي بعد سيڪيورٽي اهلڪار شاهدين گڏ ڪري رهيا آهن

پهريون ڀيرو پاڪستاني عورت
برطانيا جي بادشاهه جي خاص
صلاحڪار مقرر

لنڊن (مر ڊ) برطانوي بادشاهه چارلس پهريون ڀيرو برٽش پاڪستاني عورت کي پنهنجو خاص صلاحڪار مقرر ڪري ڇڏيو آهي. پرڏيهي ميڊيا موجب، بڪنگهم پئلس ۾ برٽش پاڪستاني عورت بهترين قومي ۽ عالمي معاملن جي ماهر آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

12 جولاءِ کان حڪومت جي اونڌي ڳڻپ شروع ٿيڻ واري آهي: شيخ رشيد

مفتاح ۽ ڊار جا آءِ ايم ايف فيصلن ۾ مائٽي کان علاوه ٻيو ڪهڙو فرق آهي

ڊار پهريان اڪيون ڏيڪاريون پوءِ پيرن تي ڪري 10 مهينا وڃائي ڇڏيا

عوامي مسلم ليگ سربراهه شيخ رشيد

راولپنڊي (مر ڊ) عوامي مسلم ليگ جي سربراهه ۽ اڳوڻي وفاقي گهرو وزير شيخ رشيد احمد چيو آهي ته 12 جولاءِ کان حڪومت جي اونڌي ڳڻپ شروع ٿيڻ واري آهي، سماجي رابطن جي ويب سائيٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

اڄ مُلڪ ۾ سمورين ڪمرشل بئنڪون ۽ ٻيا مالياتي ادارا بند رهندا

ڪراچي (مر ڊ) نئين مالي سال جي آغاز ۽ گذريل مالي سان جي خاتمي تي سڀاڻي ٽي جولاءِ تي به ملڪ ۾ سمورين ڪمرشل بئنڪون ۽ ٻيا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

چوڌري شجاعت جي اهم شخصيت جي موجودگيءَ ۾ پرويزالاهي سان جيل ۾ ٻي ملاقات

چوڌري سالڪ ۽ چوڌري وجاهت حسين به چوڌري شجاعت سان گڏ ملاقات ۾ موجود هئا

چوڌري شجاعت حسين ملاقات کان اڳ پرويزالاهي جي چيڪ اپ لاءِ ميڊيڪل بورڊ به ڪئمپ جيل آيو

لاهور (مر ڊ) پاڪستان مسلم ق جي صدر چوڌري شجاعت حسين ڪئمپ جيل ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جي صدر چوڌري پرويز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪراچي: قومي ايئر لائين جي پهرين اڏام پي ڪي 832 ذريعي ڏيهه پهتل حاجي سڳورا

وارھ ۾ زرعي پاڻي جي کوٽ خلاف عوامي تحريڪ ڪارڪنن طرفان احتجاجي ريلي

پاڻي جي کوٽ ختم ڪري پڇڙي تائين پاڻي پهچايو وڃي: مظاهرين پاران نعريبازي

ڪارڪنن عوامي هائوس وارھ کان ريلي ڪڍي شهيد فاضل راهو چونڪ تي ڌرڻو هنيو ويو

منڌ وارا بااثر ڏاڍ مڙسي ڪري پڇڙي جي مسڪين هارين جو پاڻي چوري ڪري رهيا آهن: مظاهرين

وارھ (رپورٽ: طالب حسين چانڊيو) وارھ ۾ زرعي پاڻي جي کوٽ خلاف عوامي تحريڪ طرفان ريلي ڪڍي شهيد فاضل راهو چونڪ ڌرڻو هنيو ويو. پاڻي جي کوٽ ختم ڪري پڇڙي تائين پاڻي پهچايو وڃي مطالبو وارھ تعلقي جي شاخن ۾ زرعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

وارھ: عوامي تحريڪ پاران پاڻي کوٽ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٺٽي ۾ عيد جي ٽئين ڏينهن پاڪستان فارما ايڪشن ڪلب پاران پارٽي جو اهتمام

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) قرباني واري عيد جي ٽئين ڏينهن پاڪستان فارما ايڪشن ڪلب (پيڪٽ) ٺٽو پاران فارما ايڪشن ڪلب ٺٽو جي ميمبرز - ٺٽي جي سول سوسائٽي . صحافي برادري ۽ شهرين جي مان ۾ عيد ملن پارٽي جو اهتمام گجو لڳ هجي نجي فارم هائوس تي ڪيو ويو جنهن ۾ شرڪت ڪندڙن لاءِ نـ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

هيلٿ پروفيشنل پيراميڊيڪس ايسوسيئيشن پاران رجب ميمڻ جي اغوا خلاف احتجاج

جنرل سيڪريٽري محمد زاهد آرائين، محمد قاسم ڪوسو، بشير احمد لاشاري پاران مذمت

پوليس دانش ملڪاڻي جي ونگار وهندي مخالفن خلاف انتقامي ڪارروايون ڪري رهي آهي: مظاهرين

نوشهروفيروز (ب ر) هيلٿ پروفيشنل پيراميڊيڪس ايسوسيئيشن سنڌ جي مرڪزي چيئرمين ذوالفقار علي عباسي، صوبائي صدر خادم حسين مستوئي، جنرل سيڪريٽري محمد زاهد آرائين، محمد قاسم ڪوسو، بشير احمد لاشاري، اعجاز ڪاڪيپوٽو، زوار غلام اصغر لاح رياض سومرو، عمران راڄپر، صابر حسين بوزدار ۽ ٻين مرڪزي اڳواڻن پاران پيراميڊيڪل سنڌ جي اڳواڻ ۽ سڄاول/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ٽنڊوباگو لڳ ڳوٺ اوڪو پٽيل ڪولهي ۾ مين لائين تار ٽٽڻ سبب دڪانن کي باھ

ڳوٺاڻن سڄاڳ ٿي پنهنجي مدد پاڻ تحت باھ کي وسائي ڳوٺ کي وڏي نقصان کان بچائي ورتو

يارهن هزار وولٽ جي تار ٽٽي دڪانن مٿان ڪرڻ سبب دڪانن جي ڇپرن کي باھ وڪوڙي ويئي: متاثر

نند ۾ سٽل هئاسين نه روڊ تان گذرندڙ گاڏين جي ڊرائيورن اسان کي ننڊ مان اٿاري باھ جو ٻڌايو: ڳالهيون

ٽنڊوباگو (رفاقت جروار) ٽنڊوباگو لڳ ڳوٺ اوڪو پٽيل ڪولهي ۾ بجلي جي مين لائين تار ٽٽڻ سبب دڪانن جي ڇپرن کي باھ وڪوڙي ويئي ڳوٺاڻن سڄاڳ ٿي پنهنجي مدد پاڻ تحت باھ کي وسائي ڳوٺ کي وڏي نقصان کان بچائي ورتو تفصيل موجب ٽنڊوباگو لڳ ٽنڊوباگو جهڏو روڊ تي ڳوٺ اوڪو پٽيل ڪولهي ۾ رات 3 بجي ڌاري بجلي جي مين لائين جي يارهن هزار وولٽ جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ٽنڊوباگو: ڳوٺ اوڪو پٽيل ڪولهي ۾ لڳل باھ جو ڏيک

نوشهرو فيروز لڳ ڳوٺ مڇر ۾ محسن خان وسطڙو کي پڳ ٻڌرائي وئي

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) نوشهرو فيروز لڳ ڳوٺ مڇر ۾ مرحوم شهاب الدين وسطڙو جي فرزند رئيس محسن خان وسطڙو کي پڳ ٻڌرائي وئي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ کان ٻين برادرين جا سردار ۽ وسطڙا برادريءَ جي هزارين ماڻهن شرڪت ڪئي پڳ جي رسم جو رئيس محسن خان کي پهريون ور سنڌس مرشد پير سيد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ڏيئي لڳ ڳوٺ ميٺان جا بنيادي مسئلا حل نه ٿيا، ڳوٺاڻن پاران جدوجهد تيز ڪرڻ جو فيصلو

مسئلن جي حل لاءِ سماجي تنظيم جوڙي ان جي پليٽ فارم تان جدوجهد تيز ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو

مل مينگهواڙ، مهراڻ درس، خميسو واڍو، محمد ابڙو، مرچو مل، صالح واڍو، پوڙهو درس ۽ ٻيا اڳواڻ شريڪ ٿيا

جڏهن کان هن ڳوٺ ۾ پولنگ ٿي آهي تڏهن کان هي پولنگ وڏي ليڊ سان پ پ کٽيندي رهي آهي: محمد خان ابڙو

ٽنڊوباگو (رپورٽ: سهيل سمون) ڏيئي لڳ ڳوٺ ميٺان جا بنيادي مسئلا حل نه ٿيا ڳوٺاڻن پاران مسئلن جي حل لاءِ سماجي تنظيم جوڙي ان جي پليٽ فارم تان جدوجهد تيز ڪرڻ جو فيصلو خبر موجب ڏيئي لڳ ڳوٺ ميٺان جي ڳوٺاڻن محمد خان ابڙو جي اوطاق تي گڏجاڻي ڪئي جنهن ۾ جمن ابڙو ڏيوو مل مينگهواڙ، مهراڻ درس، خميسو واڍو، محمد ابڙو، مرچو مل، صالح واڍو، پوڙهو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ڪشمور ۾ آبپاشي عملدارن جي ڪرپشن ۽ ناقص ڪارڪردگي سبب شاخ کي گھارو

گھاري جو پاڻي پرپاسي ڳوٺاڻن جي ايڪڙ زمينن ۾ ڪاهي پيو آهي، عملدار پهچي نه سگهيا

ڪوسڪي مائنر جي انجنيئر اظهر پٺو جي ناقص ڪارڪردگي سبب مائنر ٽٽي پيو آهي: متاثر ڳوٺاڻا

ڪوسڪي مائنر هنڌان هنڌان ٽٽي رهيو آهي ۽ مختلف هنڌن تان روٽيون پئجي رهيون آهن، نوٽيس ورتو وڃي

ڪشمور (اصغر علي چانڊيو) ڪشمور ۾ آبپاشي عملدارن جي ڪرپشن ۽ ناقص ڪارڪردگي سبب ڪوسڪي مائنر کي 30 فوٽ گھارو پئجي ويو آبپاشي عملدار منظر تان غائب ٿيل آهن جڏهن لڳل گھاري جو پاڻي پرپاسي ڳوٺاڻن جي ايڪڙ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ڪشمور: ڪوسڪي مائينر کي لڳل گھاري جو ڏيک

سويڊن ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي انتهائي افسوسناڪ آهي: عمر فاروق عباسي

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) سويڊن ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي انتهائي افسوسناڪ آهي. عمر فاروق عباسي اسلام جي رسمن جي توهين ڪرڻ دهشتگردي جو سڀ کان وڏو عمل آهي. اعظم طارق انصاري مسلم اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن سنڌ صوبي جي صدر عمر فاروق عباسي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته عيد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

خانپورمهر ۾ مهر برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، 4 عورتون زخمي، ڌرين جا هڪ ٻئي مٿان حملي جا الزام

ديدار محلي ۾ گهر جي جڳهه تي مبينا قبضي واري معاملي تان مهر برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو

جهيڙي دوران ٻنهي ڌرين جون چار عورتون زخمي ٿي پيون جن کي پوليس ليٽر ملڻ بعد اسپتال منتقل ڪيو ويو

بااثرن گهر تي حملو ڪري منهنجي ڳورهاري گهرواري شباناز ۽ منهنجي امڙ ذليخا مهر کي زخمي ڪري ڇڏيو: هڪ ڌر

خانپورمهر (رپورٽ: آفتاب سيال) خانپورمهر ۾ مهر برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، 4 عورتون زخمي، ٻنهي ڌرين جا هڪ ٻئي مٿان حملي ۽ تشدد جا الزام. اين سي رپورٽ داخل، خبر موجب خانپورمهر جي ديدار محلي ۾ گهر جي جڳهه تي مبينا قبضي واري معاملي تان مهر برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو. جهيڙي دوران ٻنهي ڌرين جون چار عورتون زخمي ٿي پيون جن کي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

سرحد پرسان سڱاوتي معاملي تان ڦوڙن جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، 14 ڄڻا زخمي

پنج نمبر پلاٽ واري علائقي ۾ سڱاوتي تڪرار تان ڦوڙ برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو

هڪ ڌر جا شهزادو ڦوڙ، مختيار ڦوڙ، شاهنواز، عبدالغفور ڦوڙ، عبدالرشيد ڦوڙ زخمي ٿي پيا

مائي مريم، نينگريون شمشاد، ارشاد، غلام رسول، علي اصغر، عبدالرحيم ڦوڙ، عبدالقادر زخمي ٿيا

سرحد (رپورٽر) سرحد پرسان سڱاوتي معاملي تان ڦوڙن جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٻن نينگرين سميت 14 ڄڻا زخمي، اسپتال پيڙا، خبر موجب سرحد ٽائي جي حد پنج نمبر پلاٽ واري علائقي ۾ سڱاوتي تڪرار تان ڦوڙ برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جهيڙي ۾ لٺين، ڪهاڙين ۽ سرونن جو آزادانه استعمال ڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ هڪ ڌر جا شهزادو ڦوڙ، مختيار ڦوڙ، شاهنواز/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

سرحد: ڦوڙ برادري جي ٻن ڌرين ۾ ٿيل جهيڙي ۾ زخمي ٿيل اسپتال ۾ ويٺل آهن

سوئيڊن ۾ شهرين قرآن پاڪ جي بيحرمتي ڪرڻ خلاف ٺٽي ۾ احتجاجي مظاهرو

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) سوئيڊن ۾ شهرين قرآن پاڪ جي بيحرمتي ڪرڻ خلاف اڄ ٺٽي جي باشعور عوام پاران ٺٽي شهر ۾ احتجاج ڪيو ويو جڏهن شهرين پاران سوئيڊن جي حڪومت خلاف سخت نعري بازي پڻ ڪئي وئي ۽ سوئيڊن جو قومي جهنڊو ساڙي سوئيڊن حڪومت خلاف نفرت جو اظهار ڪيو ويو انهي موقعي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

نئون ديرو ناميار محقق انعام آزاد لاڙڪ جي ڪتاب "پنجوديرو ۾ پيار پريا پهر" جي مهورتي تقريب

هاءِ اسڪول پنجوديرو ۾ شاندار پروگرام جي صدارت نامور اديب ڪوثر برڙو ڪئي، ساڃاهه وندن پاران شرڪت

امام راشدي عيسيٰ ميمڻ ۽ اصغر مهيسر اعزازي مهمان: ناليواري شاعر ساقي ابڙو منظوم پيتا پيش ڪئي

پنجوديرو ڳوٺ سنڌ جو قديم تاريخي ۽ علمي ادبي ڳوٺ آهي جنهن ۾ وڏيون وڏيون شخصيتون پيدا ٿيون: ساڃاهه وند

نئون ديرو (شاد محمود پٺو) نئون ديرو ناميار محقق انعام آزاد لاڙڪ جي ڪتاب "پنجوديرو ۾ پيار پريا پهر" جي مهورتي تقريب: اديبن ۽ شاعرن جي شرڪت هاءِ اسڪول پنجوديرو ۾ شاندار پروگرام: نامور اديب ڪوثر برڙو صدارت ڪئي ۽ مشتاق بخاري خاص مهمان هو امام راشدي عيسيٰ ميمڻ ۽ اصغر مهيسر اعزازي مهمان: ناليواري شاعر ساقي ابڙو منظوم پيتا پيش /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

جهڏو لڳ گهرو اٻڀٽ تان ناري پاران ڦاهو کائي آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش

ڳوٺ ٻبلي قائم خاني ۾ 27 سالا ناري لڇمي زال اجي ڪولهي پاران ڪوشش ڪئي وئي

ڊاڪٽرن ابتدائي طبي امداد ڏيڻ بعد وڌيڪ علاج ميرپورخاص سول اسپتال ريفر ڪري ڇڏيو آهي

جهڏو (رپورٽر) جهڏو لڳ غربت مفلسي جي ڪري گهرو اٻڀٽ تان ناري پاران ڦاهو کائي آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش، ڳٽتي جوڳي حالت ۾ ميرپورخاص ريفر، جهڏو لڳ ڳوٺ ٻبلي قائم خاني ۾ 27 سالا ناري لڇمي زال اجي ڪولهي پاران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

نوشهروفيروز ۾ ڊائريڪٽر هيلٿ پاران سول اسپتال جو دورو، ليبر روم جو جائزو

دل جي وارڊ، ليبارٽري ۽ ليبر روم جو تفصيلي جائزو ورتو ۽ اسٽاف جي حاضري چيڪ ڪئي

صحت کاتي جي وزير جي خاص هدايتن تي سمورين اسپتالن جو دورو ڪري رهيا آهيون: ڊي جي

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) ڊائريڪٽر هيلٿ شهيد بينظيرآباد ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ لغاري، ڊپٽي ڊائريڪٽر غلام سرور خاصخيلي جو سول اسپتال نوشهرو فيروز جو اچانڪ دورو ڪري ايمرجنسي، دل جي وارڊ، ليبارٽري ۽ ليبر روم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

نوشهروفيروز: ڊي ايڇ او سول اسپتال نوشهروفيروز جو دورو ڪري رهيو آهي

دادو جي سياسي سماجي شخصيت سيد محمد شاھ پاران آصف زرداري سان ملاقات

پ پ پ قيادت جي ڏنل اهم ذميواري چيئرمين ضلع ڪائونسل ٿيڻ تي پارٽي ٿورا مڃيا

سيد خورشيد احمد شاھ صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاھ سيد فصيح شاھ ۽ ٻيا موجود هئا

دادو (عزيزالله خاصخيلي) دادو جي سياسي سماجي شخصيت ۽ ضلع ڪائونسل دادو جي چيئرمين سيد محمد شاھ جي زرداري هائوس نواب/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

عادلپور پرسان ڳوٺ پنجل سهتو ۾ مبينا زهريلو گاھ کائڻ سبب 7 مينهون مري ويون

پورهيت ابراهيم سهتو جون 8 مينهون بيهوش ٿي ويون جن مان 7 مينهون موقعي تي مري ويون

خبر پوندي ئي گهرڀاتين ۽ ٻارن ٻچڙن ۾ روڄ راڙو مچي ويو، پندرنهن لک جو مينهون مري ويون: وارث

عادلپور (رپورٽ: اسلم مهر) عادلپور پرسان ڳوٺ پنجل سهتو ۾ مبينا زهريلو گاھ کائڻ سبب غريب پورهيت ابراهيم سهتو جون 8 مينهون بيهوش ٿي ويون جنهن مان 7 مينهون موقعي تي مري ويون ۽ هڪ مينهن بيهوشي واري حالت ۾/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

سکر ايئرپورٽ ٿاڻي جي پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ پوليس پڪٽ لڳ مقابلو ٿي پيو

هڪ ڌوهاري مخمور ميراڻي کي زخمي حالت گرفتار ڪري هٿيار هٿ ڪري ورتا آهن

جوابدار ڌاڙن، پوليس مقابلن سميت ڪيترن ئي سنگين ڏوهن ۾ پولس کي گهربل هو

سکر (بيورو رپورٽ) سکر پوليس جي ترجمان موجب ايئرپورٽ ٿاڻي جي پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ پوليس پڪٽ لڳ مقابلو ٿي پيو. جنهن جي نتيجي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

سکر: مبينا پوليس مقابلي ۾ زخمي ٿيل جوابدار اسپتال ۾ داخل آهي

خيرپور ناٿن شاھ ۾ ڳوٺ جکرو ساريو ۾ اوچتو بجلي اچڻ سبب نينگري فوت

بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب 4 سالا معصوم نينگري انم ساريو فوت ٿي وئي

وارث لاش کڻي ڳوٺ پهتا ته گهر ۾ ڪهرام مچي ويو ۽ امڙ کي بيهوشي جا دورا پئجي ويا

خيرپور ناٿن شاھ (رپورٽ: برڪت علي چانڊيو) افسوس ناڪ خبر، خيرپور ناٿن شاھ لڳ ڳوٺ جکرو ساريو ۾ اوچتو بجلي اچڻ ڪري بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب 4 سالا معصوم نينگري انم ساريو فوت ٿي وئي تفصيل موجب خيرپور ناٿن شاھ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ٺڪراٺو ۾ سومرا برادري جي ماڻهن جو پنهنجي ئي برادري جي بااثرن جي خلاف احتجاج

سومرا برادري جي ماڻهن عورتن ۽ ٻارڙن سميت مائٽن جي زيادتين خلاف مظاهرو ڪيو

شاهنواز سومرو ۽ ٻين اسانجي نوجوان مٿان تشدد ڪيو آهي: مظاهرين جون ميڊيا سان ڳالهيون

ٺڪراٺو (ن سنڌيار) ٺڪراٺو ۾ سومرا برادري جي ماڻهن جو پنهنجي ئي برادري جي بااثرن جي مبينا زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو شاهنواز سومرو ۽ ٻين اسانجي نوجوان مٿان تشدد ڪيو ۽ چڏائڻ آيل پيڻ کي به مارڪٽ ڪئي وئي پوليس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ٺڪراٺو: سومرا برادري پاران بااثرن خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

راڻيپور ۾ ڪرڪيٽ ٽورناميٽ جو فائينل مراد اليون ۽ شائين اسٽار ڪلب ۾ ٿي گذريو

ڪرڪيٽ ٽورناميٽ جو فائنل ريلوي اسٽيشن راڻيپور دوران ٽيو جيڪو جيڪو شائين اسٽار کٽي ورتو

مير محمد چاچڙ، حيدر علي عمراڻي، نعمت الله وساڻ، ظفر چوهاڻ، هدايت الله وساڻ، عطا جامڙو هئا

راڻيپور (رپورٽر) محمد يوسف عرف پائو بلو جامڙو ميموريل ڪرڪيٽ ٽورناميٽ جو فائينل مراد اليون ۽ شائين اسٽار ڪرڪيٽ ڪلب ريلوي اسٽيشن راڻيپور دوران ٽيو جيڪو جيڪو شائين اسٽار کٽي ورتو ان موقعي تي ايوارڊ تقريب منعقد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

پوري دنيا جي مسلمانن جا احساس ۽ جذبا بري طرح مجروح ٿيا آهن: محمد جاويد ميمڻ

معمولي گستاخي به برداشت نٿو ڪري سگهي اهو اسان جي ايمان ۽ عقيدي جو حصو آهي

سويڊن حڪومت حرڪت تي معافي گهري ۽ گستاخي ڪندڙن کي عبرتناڪ سزا ڏي: واپاري اڳواڻ

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر اسمال ٽريڊرز جي صدر حاجي محمد جاويد ميمڻ سويڊن ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي جي شديد لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو آهي ته ان حرڪت سان پوري دنيا جي مسلمانن جا احساس ۽ جذبا بري طرح /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

پ پ جون عوامي خدمتون ڪنهن کان لڪيل ناهن: نعمان اسلام شيخ

سکر جي تمام يوسين مان مخالفين کي شڪست ڏيئي ڪري نئين تاريخ رقم ڪئي

ارسلان اسلام شيخ جي محنت ۽ لڳن سبب انشاءِ الله سکر شهر وڌيڪ ترقي طرف گامزن آهي

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) پاڪستان پيپلزپارٽي قومي اسيمبلي جي ميمبر نعمان اسلام شيخ چيو آهي ته پ پ جون عوامي خدمتون ڪنهن کان لڪيل ناهن. بلدياتي چونڊن ۾ پ پ سموري سنڌ خاص ڪري سکر جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

سکر: پ پ اڳواڻ نعمان اسلام شيخ اڳواڻن سان گڏ بيٺل آهي

گهارو ۾ ڳوٺاڻن پاران زمين تي قبضي خلاف احتجاجي مظاهرو، نوٽيس وٺڻ جي گهر

سلطان آباد ٿهيم، ٽنڊو يوسف ۽ پير علي بخش شاھ جيلاني جي ڳوٺاڻن مظاهرو ڪيو

مظاهرين احتجاجي ريلي ڪڍي اسسٽنٽ ڪمشنر ميرپور ساڪرو جي آفيس اڳيان ڌرڻو هنيو

زمين جا ڪوڙا ڪاغذ ٺهڻ خلاف ڳوٺاڻن ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو آڏو ڪيس داخل ڪيو هيو: مظاهرين

گهارو (بشام جوکيو) ديهه پليجاڻي جي ڳوٺن سلطان آباد ٿهيم، ٽنڊو يوسف ۽ پير علي بخش شاھ جيلاني جي ڳوٺاڻن گهارو گولاڻي کان احتجاجي ريلي ڪڍي اسسٽنٽ ڪمشنر ميرپور ساڪرو جي آفيس اڳيان ڌرڻو هنيو. پير گلزار شاھ، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

گهارو: مختلف ڳوٺن جا رهواسي قبضا مافيا خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

محراب پور سنڌ صحافي سنگت جي مرڪزي وائيس چيئرمين پاران غلام حسين چانگ جي سالگره منعقد

محرابپور (مجاهد علي سامٽيو) محراب پور سنڌ صحافي سنگت جي مرڪزي وائيس چيئرمين بچل هنگورو ۽ مرڪزي ميڊيا هائوس محراب پور پاران صحافي اتحاد خيرپور جي صدر سينيئر صحافي غلام حسين چانگ جي 50 هين سالگره جي شاندار تقريب مرڪزي ميڊيا هائوس محراب پور ۾ منعقد ڪئي وئي، تقريب ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

سنڌي ادبي سنگت شاخ نوان جتوئي جي ميزباني هيٺ عبدالخالق جوڻيجو پاران ليڪچر

سماج جي ارتقا ۾ اديب ۽ دانشور جو ڪردار" جي موضوع تي ليڪچر پروگرام منعقد ڪرايو ويو

چوڏهين صدي کان نئين سڄاڳي جو دور شروع ٿئي ٿو، جنهن جي يورپ کان شروعات ٿي: عبدالخالق جوڻيجو

نوشهرو فيروز (رپورٽر) سنڌي ادبي سنگت شاخ نوان جتوئي جي ميزباني هيٺ "سماج جي ارتقا ۾ اديب ۽ دانشور جو ڪردار" جي موضوع تي جيئي سنڌ محاذ جي چيئرمين عبدالخالق جوڻيجي کان ليڪچر ڪرايو ويو.. ليڪچرڪار جو تعارف جسم اڳواڻ ڪامريڊ هاشم ڪوسو شانائتي نموني پيش ڪيو .. ليڪچر ڏيندي ناميار دانشور ۽ ڏاهي عبدالخالق جوڻيجي چيو ته .../بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

گلاب لغاري عيد ڏهاڙي ڏينهن ڏٺي جو پورهيت تي قاتلاڻو حملو، احتجاج

ڪيس ۾ گهربل جوابدارن درياخان چانڊيو ۽ هڪ نامعلوم کي پوليس گرفتار نه ڪيو

پوليس گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام ويئي آهي، جوابدارن مان اسان کي خطرو آهي: متاثرين جون دانهون

جوابدار کي جلد کان جلد گرفتار ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو: ميڊيا سان ڳالهيون

گلاب لغاري (رپورٽ: گلزار لغاري) گلاب لغاري عيد ڏهاڙي ڏينهن ڏٺي جو گلاب لغاري شهر ۾ پورهيت راحب لغاري تي قاتلاڻو حملو ڪندڙ ڪيس ۾ گهربل جوابدارن درياخان چانڊيو ۽ هڪ نامعلوم کي گلاب لغاري پوليس پاران گرفتار نه ڪرڻ خلاف پ پ ڪارڪنن ڪامريڊ علي بخش لغاري ڪامريڊ اسماعيل جوڳي اظفر لغاري ۽ حمزو لغاري جي اڳواڻي ۾ اچانڪ چوڪ کان پريس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

گلاب لغاري: پورهيت تي حملو ڪندڙن خلاف رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

پبلڪ ۽ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت ترقياتي ڪمن ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ گهرجي: سڄاڻ ڏرين

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) چونڊيل نمائندن ۽ سڄاڻ ڏرين چيو آهي ته پبلڪ ۽ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت ترقياتي ڪمن ۾ عوام جي اونرشپ هجڻ سبب اها پائيدار ترقي ٿي سگهي ٿي، عوام ۾ شعور پيدا ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته سنڌن لاءِ ڄاڻ مهم هلائي وڃي، اهڙن خيالن جو اظهار منياڻي ٽائون ڪاميٽي جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

سڄاول ۾ پيرا ميڊيڪل اسٽاف جو اڳواڻ وڏيرا گرديءَ جو شڪار، اغوا ڪرائي تشدد جو نشانو

پيرا ميڊيڪل اسٽاف اڳواڻ رجب ميمڻ کي مبينه طور ضلعي ڪائونسل سڄاول جي چيئرمين اغوا ڪرايو

الٽو مٽس گڏيون چوري جو ڪيس داخل ڪري ڪيس لاڪ اپ ڪيو ويو، علائقي ۾ ڏک ۽ ڪاوڙ جي لهر ڇانيل

مون کي اڳ ۾ به دانش خان ملڪاڻي کان اغوا ۽ قتل ٿيڻ جو خدشو هو، معاملي جو نوٽيس ورتو وڃي: رجب ميمڻ

دڙو (ن سنڌ يار) سڄاول ۾ پيرا ميڊيڪل اسٽاف جو اڳواڻ وڏيرا گرديءَ جو شڪار، پيرا ميڊيڪل اسٽاف اڳواڻ رجب ميمڻ کي مبينه طور ضلعي ڪائونسل سڄاول جي چيئرمين دانش خان ملڪاڻي پاران اغوا ڪرائي تشدد جو نشانو بنايو ويو ۽ الٽو مٽس گڏيون چوري جو ڪيس داخل ڪري ڪيس لاڪ اپ ڪيو ويو آهي، رجب ميمڻ تي ڪوڙو ڪيس داخل ٿيڻ تي علائقي ۾ ڏک ۽ ڪاوڙ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ڪنڌرا ۾ ٻوٽا پوکي وڻڪاري مهم جي شروعات، ماحولياتي آلودگي خلاف جدوجهد جو اعلان

تبديلين جو مقابلو ڪرڻ لاءِ وڻ پوکيا وڃن، شهرن ۽ ڳوٺن کي فاريسٽ ۾ تبديل ڪرڻو پوندو: اڳواڻ

باني مفتي محمد طاهر گهانگهرو پاران ڪنڌرا ۾ ٻوٽا پوکي وڻڪاري مهم جي شروعات ڪئي وئي

موجوده صورتحال ۾ سخت گرمي به ماحولياتي تبديلين جو سبب بڻي آهي، ماحولياتي آلودگي مسئلو آهي

سکر (رپورٽ) امداد علي گل ڪلوڙ) ڪنڌرا ۾ ٻوٽا پوکي وڻڪاري مهم جي شروعات، ماحولياتي آلودگي ۽ موسمات تبديلين جو مقابلو ڪرڻ لاءِ وڌ کان وڌ وڻ پوکيا وڃن، شهرن ۽ ڳوٺن کي فاريسٽ ۾ تبديل ڪرڻو پوندو، مفتي محمد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

سکر: وڻڪاري مهم دوران شهري ٻوٽا پوکي رهيا آهن

پريس ڪلب ڪوٽڙي ڪبير طرفان عيد ملن پارٽي ملهائي وئي، ساڃاهه وند شريڪ

خانواهڻ (عاجز امتياز نوح پوٽو) پريس ڪلب ڪوٽڙي ڪبير طرفان عيد ملن پارٽي ملهائي وئي جنهن ۾ سياسي، سماجي، مذهبي اڳواڻن، شاعرن، اديبن، صحافين ۽ علائقي واسين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، پروگرام جي ڪارروائي اسٽيج سيڪريٽري لفظن جي بادشاهه سنڌ جي ناليواري تعليمدان استاد نازخميسو خان سولنگي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

مانجهند تعلقه اسپتال مان چوري جو سلسلو رڪجي نه سگهيو، لوهي در ۽ قيمتي سامان چوري

تعلقه اسپتال ۾ قيمتي سامان جي چوري جو سلسلو رڪجي نه سگهيو، اختيارين خاموش تماشائي

اسپتال ۾ ايمرجنسي دوران جنريٽر نه هئڻ سبب رات جي وقت اونداهي ڇانئيل رهي ٿي: ساڃاهه وند

چورن کي اسپتال جي عملي جي سرپرستي هئڻ سبب وڏي عرصي کان بي خوف ٿي چوري ڪن ٿا

مانجهند (رپورٽ: مهراڻ عمراڻي) مانجهند تعلقه اسپتال مان چوري جو سلسلو رڪجي نه سگهيو چوڪيدار باوجود جنريٽر لوهي در ۽ قيمتي سامان چوري انتظاميا خاموش تفصيل موجب مانجهند تعلقه اسپتال ۾ قيمتي سامان جي چوري جو سلسلو رڪجي نه سگهيو اٽڪل چور جنريٽر لوهي گيٽ اسٽور ۾ رکيل بيڊ ڪٽون ۽ ٻيو سامان، چورائي فرار ٿي ويا پر انتظاميا ڪوبه قدم/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

سيتا سرجهار فورم پاران روهڙي کان ڪوٽڙي وايه لاڙڪاڻو ٽرينن جي لاءِ احتجاج

مشهور ميمڻ جي اڳواڻي ۾ سيتا روڊ ريلويز 161 هين ڏينهن به احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

غلام مصطفي سمون، شهزاد علي ميمڻ، احسان علي سومرو، امجد علي ڪوسو پاران شرڪت

معياري سفر جي سهولت کسي وئي آهي ٽرانسپورٽ مافيه ريلويز اختيارن سان هٿ ٺوڪيل آهي: مظاهرين

دادو (عزيزالله خاصخيلي) سيتا سرجهار فورم پاران روهڙي کان ڪوٽڙي وايه لاڙڪاڻو، دادو ريلوي ٽريڪ تي مسافر ريل گاڏين جي بحالي لاءِ مشهور ميمڻ جي اڳواڻي ۾ سيتا روڊ ريلويز 161 هين ڏينهن به احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، احتجاجي تحريڪ جي اڳواڻن مشهور ميمڻ، پروفيسر غلام مصطفي سمون، شهزاد علي ميمڻ، احسان علي سومرو، امجد علي ڪوسو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

دادو: سيتا سرجهار فورم پاران ٽرينن جي بحالي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

پاڪستان پيپلز پارٽي اڳواڻ محمد علي شيخ پاران اسٽيپ فائونڊيشن آفيس جو دورو

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) پاڪستان پيپلز پارٽي اڳواڻ محمد علي شيخ جن اسٽيپ فائونڊيشن آفيس اچي تعارفي تقريب ۾ شرڪت ڪئي . اسٽيپ فائونڊيشن جي ٽيم گلن جي ورڪا سان زبردست استقبال ڪيو. شائستہ بلوچ جن سميت اسد چاچڙ، احمد علي ڪوسو ۽ ٻين کين ثقافتي اجرڪ ۽ سنڌي ٽوپيون/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

نوشهروفيروز ۾ سکر ۽ خيرپور مان رٽائرڊ ٿيل يونيفائيڊ گزيٽيڊ سروس ملازمن جو احتجاج

محمد ايوب سومرو، غلام قادر سولنگي، محمد صادق راڄپر، اياز حسين پناڻ جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو ويو

ظلم جي انتها آهي ته اسان رٽائرڊ ملازمن کي پنهنجا جائز حق به نه پيا ملن: محمد ايوب سومرو، غلام قادر سولنگي

22.2021 سميت جيڪي به حڪومتي اعلان ڪيا ويا ته پينشن ۾ اضافو ڪيو ويندو انهن تي اڄ تائين عمل ناهي ٿي سگهيو

نوشهروفيروز (رپورٽر) نوشهروفيروز ۾ ضلعي سکر ۽ خيرپور مان رٽائرڊ ٿيل سنڌ يونيفائيڊ گزيٽيڊ سروس جي ملازمن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو جنهن جي اڳواڻي محمد ايوب سومرو، غلام قادر سولنگي، محمد صادق راڄپر، اياز حسين پناڻ ۽ ٻيا ڪري رهيا هيا جن حقن جي حاصلات لاءِ نعري بازي پڻ ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا اڳيان دانهيندي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي*** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

ايڊيٽر:
اعجاز مهر

روزاني
سنڌيار

Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

سومر 03 جولاءِ 2023ع

آءِ ايم ايف سان ٿيل معاهدو: عوام جو ڇا ٿيندو؟

نيٺ مختلف ملڪن ڏانهن 'آوت جاوت'، 'ميڙ منٿ قافلن'، دوست ملڪن جي ڪوششن ڪانپوءِ آءِ ايم ايف سان پاڪستان جو اسٽاف ليول جو "اسٽينڊ باءِ" معاهدو ٿي ويو. آءِ ايم ايف جو ايگزيڪيوٽو بورڊ جولاءِ جي وچ ڌاري ان معاهدي جي منظوري ڏيندو. گهٽ مدت واري ان معاهدي تحت عالمي مالياتي ادارو (آءِ ايم ايف) پاڪستان کي 3 ارب ڊالرن جو قرض ڏيندو ان معاهدي تحت ٽيڪسن جو هدف وڌائڻ سان گڏوگڏ پاڪستان جيڪي قدم کڻڻ قبوليا آهن، تن جو بار عوام تي پوندو. گيس ۽ بجليءَ جون قيمتون وڌنديون. پيٽرول تي ليوي ته هاڻي کان ئي 50 رپيا في ليٽر مان وڌائي 55 رپيا في ليٽر ڪئي وئي آهي.

اصل اقتدار ڌڻين تدبر کان وانجهيل تجربا ڪري ملڪ کي انتهائي بدترين معاشي بحرانن ۾ ڦاسائي ڇڏيو آهي. هڪ ايٽمي طاقت ملڪ جي اها حالت ڪئي وئي آهي، جو اهو ڪشڪول کڻي ڪڏهن ڪنهن در تي وڃي ٿو ته ڪڏهن ڪنهن در تي صدائون هڻي ٿو. جڏهن پي ڊي ايم ان شديد بحران ۾ اقتداري شوق ۾ پنهنجا ڪلها آڇيا ته سمجهيو ائين پئي ويو ته ان وٽ معاشي مئنيجرن جي بهتر ٽيم هوندي، پر انهن به ملڪي معيشت جون واڳون ناتجربيڪار هٿن ۾ ڏئي ڇڏيون. پهرين مفتاح اسماعيل کي آپريشن ٿيٽر ۾ پيل مريض معيشت حوالي ٿي ۽ پوءِ ڊار جو ڪُٺو نڪتو. ڊار پنهنجي ڦرڻي گهرڻي طبيعت جي ڪري ان کي ويترابتريءَ ڏانهن وٺي ويو جيڪو معاهدو هاڻي ٿيو آهي، اهو ست اٺ مهينا اڳ ۾ ئي ٿي وڃي ها، پر ڊار ان عرصي ۾ نه صرف عوام تي مالي بار منتقل ڪري مشڪلات وڌايون پر ڪڏهن ڪهڙا ته ڪڏهن ڪهڙا بيان ڏئي معاملن کي الجهاءَ ڏانهن وٺي ويو. نيٺ وزير اعظم مختلف وڏين طاقتن کي درخواست ڪئي ته "ڪو سوڊل ڪي سمجهائي" ۽ آخر ۾ اعتماد ڏيارڻ لاءِ آءِ ايم ايف اختيارين سان وزير اعظم شهباز شريف کي پاڻ ڳالهائڻو پيو. ڊار جي قلابازين آءِ ايم ايف اختيارين کي چيڙائي وڌو هو ۽ اهو عالمي ادارو ڏينهون ڏينهن پنهنجا شرط سخت ڪندو ويو. اڃان به ڊار اهو چئي رهيو آهي ته وٽس 'بي' پلان موجود آهي. شايد ان 'بي' پلان جي سندس پارٽي قيادت کي به خبر ڪانهي.

آءِ ايم ايف سان معاهدو عوام جي جيئڻ جا گس وڌيڪ سوڙها ڪري ڇڏيندو هن وقت ئي پيٽرول جي في ليٽر تي ليوي 50 رپين مان وڌائي 55 رپيا ڪئي وئي آهي. بجلي ۽ گيس جي اگهن ۾ به ڪجهه ئي ڏينهن اندر وڏي اضافي جون خبرون آهن. سمجهه ۾ نٿو اچي ته آخر ڪيستائين ڪشڪول ۽ قرضن جي ذريعي معيشت کي اڳتي ڌِڪيو! بجلي، گيس ۽ تيل جا اگهه وڌڻ سان هر شئي جا اگهه وڌي ويندا آهن. مهانگائيءَ ماڻهن جو هن وقت ئي جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي حالت ويتر خراب ٿي ويندي. حڪمران پُراميد آهن ته اهڙين حالتن ۾ سيڙپڪارن کي ڪشش ڪري معاشي بحران تي ضابطو آندو ويندو پر هڪ طرف پارڻ جا اگهه وڌايا پيا وڃن ته ٻئي طرف ملڪ ۾ سيڙپڪارن کي دعوتون ڏنيون پيون وڃن. جنهن ملڪ ۾ پارڻ جا اگهه وڌيڪ هوندا، امن امان ۽ سيڪيورٽي جون حالتون خراب هونديون ته اتي سيڙپڪار ڪيئن پنهنجي موڙي سيڙائڻ جو جوکم کڻندا؟ ظاهر آهي ته سيڙپڪار به اتي ئي ايندا، جتي انهن جي سيڙپ کي تحفظ حاصل هوندو.

هي ملڪ وسيلن سان مالا مال آهي پر اهي وسيلا ملڪي ترقيءَ ۽ عوام جي خوشحاليءَ لاءِ استعمال ڪرڻ جي حڪمرانن وٽ ڪا به رٿابندي ناهي. اهو سڀ ڪجهه بهتر ۽ ڊگهي مدي واري معاشي منصوبابنديءَ سان ئي ممڪن آهي. اسان اڳ به هنن ئي ڪالمن ۾ اهو چوندا رهيا آهيون ته هي ملڪ ٻاهرين قرضن بدران رڳو پنهنجن وسيلن تي پاڙي ۽ انهن جو بهتر استعمال ڪري ته اها محتاجي ختم ٿي سگهي ٿي. اهڙي معاشي رٿابندي ٿيڻ گهرجي، پاليسيون جوڙڻ گهرجن، جو عوام تي وڌيڪ بار نه پوي. ڇا هي ملڪ قرضن جي ٿنين ۽ ٿوڻين جي سهاري کانسواءِ نٿو بيهي سگهي؟

ڳاله ڪيان ڪيهي هوائن تي هلندڙ هڪ شاعر جو موت

شوڪت ميمڻ

هُجومن ۽ هُشامن، هيڪلائيءَ کي جڏهن جنميو،
ڏنو مون روح پنهنجي کي،
انڌاري غار وانگي هو
جڏهن جهمپير ۾ منهنجي جواني موت کائيندي،
ڪُلي چوندينءَ ڪجيءَ کي تون،
تَڪو تلوار وانگي هو
هوائن تي هليس آئون، نظر ڪجهه ڪونه ٿي آيو
سڄڻ رستو سڄو تنهنجو سنهي ڪنهن تار وانگي هو

حسن درس جنهن وقت اهو نظم جهونگاري رهيو هو ان وقت هو ڪيس عجيب نظرن سان گهوري رهيو هو ائين لڳي رهيو هو جڻ ته هو حسن درس جي دل ۾ لڪل لفظن جي خزاني مان پنهنجي مطلب جا ڪي اکر چورائڻ جي سازش سٽي رهيو هو.

پوءِ هن ڪيئي ڀيرا جهمپير ۾ رسول بخش درس جي اوطاق تي حسن کي ايندي ويندي ڏٺو هو حسن جي ڪچهريءَ ۾ بنا دعوت جي به اچي نڪرندو هو.

هڪ دفعي رسول بخش درس جي اوطاق تي ترپل مڇيءَ واري دعوت ۾ هو سيني کان آخر ۾ ڪٽ جي ڪنڊ تي ڪنهن اجنبي مسافر وانگر ويٺل هو ڪينجهر جي ڪنڌيءَ تي رهندي به هن جي گهر ۾ مانيءَ سان گڏ مڇيءَ جو ملڻ محض هڪ خواب ئي هئو ان رات هن حسن درس کي دل سان ٻڌو هو.

"لڳي وئي لاڙ سان آ لنئون،
اوهان کي پيو پلا چا چئون،
اسان کي عشق، سارين جيئڻ،
چنڊي ڦوڪي چڙي ٿو پيو.
عمر جي آڳرين مان ڏس، ڦلن وانگي ڇڻون تا پيا،
سڄڻ سگريٽ، سستي جيئڻ سڄو ماڻهو سڙي ٿو پيو
هو جهمپير جي ان مهمان نواز ماڻهوءَ جي اوطاق تي آيل هو جنهن جو دسترخوان به هن جي دل جيان ڪشادو هو ان ڪري هن جو ڌيان ترپل مڇيءَ جي خوشبوءِ ڏانهن ڇڪجڻ بدران حسن درس جي شاعريءَ ۾ هو
"اوهان مُرڪي ملي آخر هليا ويا شهر پنهنجي ڏانهن،
اسان جي ڳالهه جي ڳل تان،
اڃان ڳوڙهو ڳڙي ٿو پيو
وطن ۾ بي وطن معشوق عاشق جو ملڻ کهڙو،
زمانو زور تي تڙ تان، تماچين کي تڙي ٿو پيو .

هن جي اندر ۾ عشق اڳ ۾ ديرا اچي ڄمايو هو يا شاعري سڀ کان پهرين سندس مهمان بڻي هئي، سا خبر ته ڪانهي پر غربت ۽ زماني جي ستم ظريفين هڪ عاشقاڻي مزاج واري شاعر کي ايترو وقت به برداشت نه ڪيو ته هو حسن درس جي دل مان چورايل ڪجهه اکرن جو صحيح استعمال ڪري ڪو اهڙو نظم لکي ها، جنهن کي هو جڏهن به پڙهي ها ته ڪانئس چرڪ نڪري وڃي ها ۽ سندس غريب دل ۾ خودڪشيءَ جا پيدا ٿيل خيال ڪنهن پوائتي خواب جيان ٽٽي پون ها.

هن جي شاعري ته اسڪول مان مار کائي آيل هيسيل ٻار جي دل ۾ رهجي ويل ان ڏانهن جهڙي هئي، جنهن کي ٻڌڻ کان پوءِ مائٽن هٿان به الٽو ڏڪا ملڻ جو ڊپ ٿيندو آهي."
"اي جهمپير،
توتي لڳن ٿيون ڪجهه مياروں،
تنهنجي شامن تي قصيدا لکڻ وارن جو حشر ڏس،
اي جهمپير،
تنهنجي مست هوائن جي تون پاڻ شاهد رهجان،

ڪٿي آ اها سرمستي،
۽ ڪٿي آ ساڳي شائستگي!
اي جهمپير،
هاڻ تنهنجي نگريءَ ۾
راڳ ۽ اٿپورو پاڳ منافقت جو هلي ٿو،
آئون ايندڙ دور ۾ تنهنجو نالو ميسارجي ويل ٿي پسان ٿو
هاڻ تون جهمپير ناهين پر جڻ ته ڏارين ماڻهن جو وزيرستان آهين،
سو مون اهو آ چاڻي ورتو ۽ پنهنجي نينهن پراڻي سان،
جنمن جو آهي واسطو ٽوڙيو

جهمپير جي در تي ڏارين جا پير ڏسي اکيون آليون ڪندڙ هي سِٽون ان مسڪين شاعر جون آهن، جيڪو 15 جنوري 1984 تي ڪينجهر جي ڪنڌيءَ تي آباد هڪ ننڍڙي ڳوٺ ڦوٽو خان درس ۾ ڄائو ۽ ڳوٺ جي سرڪاري اسڪول جي گوسڙو ماسترن وٽ پرائمري پڙهي، جهمپير جي هاءِ اسڪول مان ميٽرڪ ڪري پڙهائيءَ جي شوق ۾ قاسم آباد حيدرآباد اچي نڪتو سنڌن مسڪين ماڻهن لاءِ حيدرآباد ذري گهٽ چين ولايت وانگر هو جتي هن سرڪاري ڪاليج ۾ جيئن تيئن ڪري انٽر ته ڪري ورتي پر يونيورسٽيءَ ۾ پڙهڻ وارو سندس خواب غربت آڏو شڪست کائي پچي پُري پيو

هن جو ڏاڏو ماستر عمر ۽ پيءُ ابراهيم خاصخيلي ٻئي درس ۽ تدريس سان لاڳاپيل هجڻ ڪري علم ۽ ادب سان هن جو رشتو پاڻ مرادو جڙي ويو هو پر هن جي پاڙي ۾ رهندو هو رسول بخش درس، جنهن جي اوطاق تي ايندڙ اديبن ۽ شاعرن جون رهاڻيون ڏسي وڏي ٿيل هن جي روح ۾ شاعري گهر ڪري ويٺي هئي، پوءِ هن کي ملندڙ خرچيءَ مان هو شيون شڪليون وٺڻ بدران شاعريءَ جا ڪتاب خريد ڪندو هو

شاعريءَ سان چاهه سبب هو هڪ اهڙي چاهت ۾ به ڇريو ٿي ويو، جنهن کي حاصل ڪرڻ کان پوءِ ٿي هن وجي سڪ جو ساهه ڪنيو

"پيارن مان پيار اکيون ڪنيي آيون،
لهي نئو خمار، اکيون ڪنيي آيون.
جنهنجو هئڻ هو اکين جي روشني،
اهو اڄ دلدار اکيون ڪنيي آيون.
گهٽي لڪ لڪوٽيءَ راند کان پوءِ،
ياڪرن ۾ يار اکيون ڪنيي آيون.
ڇريو من صحرا مان چمن ٿي پيو،
ڪتان ڳولي منار اکيون ڪنيي آيون".

شاعريءَ جي سنگت ۽ پنهنجو پيار پائڻ کان پوءِ به جيئري رهڻ لاءِ هن کي ضرورت هئي هڪ اهڙي روزگار جي، جنهن ۾ هو دنيا جون آسائشون پلي نه ماڻي سگهي پر ايترو ته هجي جو هو سندس شاعريءَ جهڙي بي ترتيب جيون ۾ رڳو جيئرو ته رهي سگهي.

هن جا آخري نظر به انهن ننڍڙين خواهشن جهڙا هئا، جن بابت اڳواٽ خبر هوندي آهي ته اهي خواهشون ڪڏهن به تڪميل جي ڪناري تي پهچي نه سگهنديون.
"ڪهڙي سبب،
سڄي زندگي رهي لاحاصلاتن ۾،
مون جيون لاءِ ڇا گهريو هو؟
بس پيار،
۽ ڪو هلڪو روزگار" .

پيار ۽ روزگار جي چڪر ۾ جهمپير جي هن جوان جو جيون ڏاڍو اڙانگو بڻجي ويو

هڪ ڏينهن هن جهمپير جي بازار ۾ سبزيءَ جو گاڏو لڳايو هن ته هميشه نظمن ذريعي پيار جا هوڪا ڏنا هئا، ان ڪري بصر پٽاٽن وڪڻڻ واري ڌنڌي ۾ به هو ناڪام ويو

پوءِ هن جي شاعري به سندس زندگيءَ جيان مايوسين جو مظهر بڻجي وئي، هن جو هر اکر نراسائيءَ جو اولڙو لڳڻ لڳو هو

"هاڻ ڪنهن سان رسجي ۽ پرچجي،
هيڪلائي ۾ بن ضمر باتيون ڪٽيون.
ڪي لامون هيون ٽٽي سي ويون،
ڇڻ محبتن سنديون لاٽيون ڪٽيون.
تڏهن جهمپير پي اسارو اسارو لڳو
جڏهن ڪجين تان ماڻيون ڪٽيون.
لاڙ مان ويا لڙڪ ٿي سڪي،
واهرن جون مڏ ۾ راتيون ڪٽيون".

ان رات بجليءَ جي لوڊ شيڊنگ سبب ڪينجهر جي مٿان صاف نظر ايندڙ تارن سان هن هڪ دفعو وري ڳالهايو،
جهمپير جي تيز هوائن سبب هن جو آواز آسمان تائين پهچي نه سگهيو
هو خاموش ٿي ويو،
هن کي لڳو ته ٿوري حياتيءَ ۾ هن جهجهو پنڌ ڪري ورتو آهي،
هن پنهنجي پيرن تي هٿ لائي ڏٺو،
پير سلامت هيس پر سندس روح ڦلوڪٽا ٿي پيو هو
هن پنهنجو پاڻ سان ڳالهايو،
"پنڌ رڳو پير ته ناهن ڪندا، روح جا جهاڳيل بيابان ڪنهن کي نظر اچي ناهن سگهندا".
پوءِ هن موبائيل کڻي هڪڙو نظم لکيو.
"اڄ ته توکي ياڪرين وڙهي ڇڏيان،
۽ خود کي گمنام غفائن ۾ اهيڙي ڇڏيان،
ماءَ جي هنج جهڙو،
پيو مزو ملندو ڪٿي؟
بس بند ڪمري ۾ جي،
سارڪا ساڙيندي،
ته اکين آب سان بوند باري ڪبي،
۽ يادن سان ياري ڪبي،
ڪڏهن دل چاهيو ڪٿي
ته وڃي ڪنهن مندر ۾
پنهنجي ئي اندر جي
اڌمن ۽ صدمن جا،
ڪي گهنڊ بيهي وڄائيندس ڪٿي،
او گوشه نشيني،
ترس به ٿي لمحا
متان،
ڪنهنجي من ۾،
شايد مان ويٺل هجان،
تنهن کان به موڪلائي وڃان،
اسان جي آ هائي الوداع
اهو هن جو موبائل تي لکيل آخري نظر هو، جنهن کان پوءِ صبح جو هن جي ڪمري جي ڇت ۾ لڳل پنکي ۾ سندس ٽنگيل لاش مليو هو ۽ اها خبر اخبار ۾ به لڳي هئي ته ڇٺن پارن جي پيءُ، جهمپير جي نوجوان شاعر بشير ساگر خاصخيليءَ محبوب زال جي وڇوڙي کان پوءِ غربت کان تنگ اچي پاڻ به خودڪشي ڪري ڇڏي.

جِئَن جُهڳا پائِيين جهولَ ۾، اِئَن نہ مَرَنِ مَڄّ؛
سَپَرَ ڏارِ سَمُنڊَ جا، ڪي رائُون رَڳِيُون رَڄّ؛
هِي ڇارُون ۽ ڇَڄّ، اڃا اوڙاهُ آڳاهُون ٿِيو.

پارس شاهه جو پراسرار موت ۽ سوشل ميڊيا

فقير سليم

8 نومبر جي شام جو آفيس ۾ هئس ته حيدرآباد مان هڪ دوست فون ڪري ٻڌايو ته سائين ماڪن شاهه جي پٽ جو سندس گهر مان لاش مليو آهي. ڪجهه ئي دير ۾ ان هيءَ خبر تي حيدرآباد جي رپورٽر دوست جوٽي وي تي بيپر ڏنو ڏاڍو ڏک ٿيو ته سائين ماڪن شاهه هڪ فقير طبيعت جو ماڻهو هن جو نوجوان پٽ ائين اوچتو هليو ويو. وقت گذرندو رهيو ۽ هاڻي انهيءَ واقعي کي 9 مهينا گذري ويا آهن. انهيءَ دوران هي واقعو ڪنهن نه ڪنهن نئين رخ سان سوشل ميڊيا جي زينت بڻيل رهيو

هن ڪيس جي پهرين ڏينهن کان هوشياري ڪندڙ مقتول جي ڀيڻ سحر شاهه جو اهو ئي موقف رهيو ته سندس ڀاءُ کي قتل ڪيو ويو آهي، پر انهيءَ جي جاچ ڪندڙ ۽ بطور ايماندار آفيسر پنهنجي سڃاڻپ رکندڙ سراج لاشاري پارس شاهه جي موت کي اتفاقي واقعو قرار ڏنو هن ڪٿي به قتل جو ذڪر نه ڪيو جڏهن ته مقتول جي ڀيڻ پاران جنوري ۾ پنهنجي ڀاءُ جي قتل جي شفاف جاچ لاءِ مختلف اختيارين کي 112 درخواستون اماڻيون هيون. مقتول جي قتل جو جيڪو ڪيس داخل ٿيل آهي، انهيءَ ۾ ڪنهن تي به شڪ ظاهر ناهي ڪيو ويو. مقتول جي بيواهه، جيڪا لاش ملڻ وقت پنهنجي مائٽن وٽ هئي ۽ پوءِ فوري ساهرن ۾ پهتي، جنهن پنهنجي عدت وارو مدو ساهرن ۾ گذاريو ۽ ڇٽن مهينن بعد هوءَ واپس مائٽن ڏانهن وئي، جنهن ڪانپوءِ هن ڪيس ۾ هڪ نئون موڙ سامهون آيو آهي. هن ڪيس جي جاچ ڪندڙ آفيسر سراج لاشاري جي جاچ رپورٽ تي مقتول جي گهر ڀاتين عدم اعتماد ڏيکاريو ته پوءِ اها جاچ ان وقت سانگهڙ جي ايس ايس پي بشير بروهي ڏانهن منتقل ٿي ۽ بشير بروهي انهيءَ ڪيس ۾ مقتول جي سالي سميت ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪري پنهنجي جاچ رپورٽ ۾ دعويٰ ڪئي ته پارس جي قتل ۾ سندس زال، سالو ۽ زال جو ماسات ملوث آهن. انهيءَ جاچ رپورٽ هڪ تڪليف ۾ گذرندڙ خاندان جي زخمن تي يقينن لوڻ ٻرڪڻ وارو ڪم ڪيو هوندو پر انهيءَ سان گڏ مقتول جي وارثن لاءِ هڪ انصاف جي اميد پڻ پيدا ٿي هوندي، جنهن ڪانپوءِ ڪيس جو سُٽ سلجهڻ بدران وڌيڪ الجهڻ لڳو آهي.

هڪ طرف مقتول جي بيواهه فرزانا شاهه الزام هڻي رهي آهي ته سندس مڙس کي سندس نڻان سحر شاهه قتل ڪرايو آهي. وري هن هڪ بيو الزام هنيو آهي ته جڏهن عدت پوري ٿي ته ڪيس ساهرن دٻاءُ وڌو ته هوءَ پنهنجي ڏير ۽ مڙس جي قتل ڪيس جي فريادي سلمان شاهه سان شادي ڪري، جڏهن ته انهن الزامن کي مقتول جي پيرسن والده ۽ ڀيڻ سحر شاهه رد ڪن ٿيون. مقتول جي والده جو چوڻ آهي ته سندس پٽ جي وڇوڙي کي اڃا سال به ڪونه گذريو آهي ۽ هو ٻئي پٽ جي شاديءَ جو ڪيئن ٿي سوچي سگهي؟ ساڳئي وقت تي سحر شاهه جو چوڻ آهي ته سندس ڀاڄائي جي قتل ۾ ملوث هجڻ بابت پوليس جي رپورٽ مڪمل درست آهي ۽ سندس ڀاءُ جي قتل ۾ ڀاڄائي ۽ هن جو ڀاءُ توڙي ماسات ملوث آهن. سحر شاهه جي موبائيل فون ۾ سنڌن فيملي جي واٽس ايپ گروپ ۾ آڪٽوبر 2022ع جا جيڪي وائيس ميسيج پيل آهن، اهي بقول سحر شاهه جي ته پارس شاهه جا آهن، جنهن ۾ هو پنهنجي سالي بابت ڪيترين ئي اهم ڳالهين ڪري ٿو نه رڳو اهو پر انهيءَ گروپ جي هڪ ميمبر جو ڪري ڪيس جوابن اهو چوي ٿي ته تون انهيءَ جو نمبر هن گروپ ۾ شيئر ڪري ڇڏ ته جيئن ڪنهن مسئلي دوران اسين انهيءَ کي ڏسي سگهون. مونکي خبر ناهي ته اهو واقعي آواز پارس شاهه جو آهي يا ناهي پر سحر شاهه جيڪي ميسيج پارس شاهه جا ڪري ٻڌايا، انهن مان اها ڳالهه ثابت ٿي ته پارس شاهه ۽ سندس سالي اسرار شاهه وچ ۾ اڻبڻت ضرور هئي. انهيءَ ڪانپوءِ فرزانا شاهه سان حمايت ۽ سحر شاهه جي مخالفت ۾ جيڪا سوشل ميڊيا برگيڊ هڪ مهم شروع ڪئي، جنهن ۾ هڪ عورت لاءِ انتهائي ڪريل ٻولي جو استعمال ڪيو ويو سحر شاهه پاران ڪجهه صحافين کي سندس ڪردار ڪشي ڪرڻ جي الزام هيٺ ليگل نوٽيس پڻ اماڻيا ويا آهن. ڪالهه ڪان سوشل ميڊيا تي فرزانا شاهه جون تصويرون ۽ وڊيوز هلي رهيون آهن، جنهن ۾ هوءَ هڪ جهنگ ۾ وڻ هيٺان ويهي پنهنجي مڙس جي قتل ۽ ساهرن جي زيادتين جا قصا ٻڌائي رهي آهي. فرزانا شاهه جون سوشل ميڊيا تي وڊيوز رکندڙ سماجي اڳواڻ جي دعويٰ آهي ته فرزانا شاهه سان زيادتي ٿي رهي آهي، هن جي معصوم ڌيءَ کي هن کان کسيو ويو آهي ۽ عدالتي حڪم باوجود هن کي سندس نياڻي حوالي نه پئي ڪئي وڃي. يقينن هر والده جو حق آهي ته هن جا ٻار هن سان گڏ هجن. سوشل ميڊيا تي ان قسم جي پوسٽن جي ڏم لڳل آهي ۽ هر ڪو پنهنجي منهن جاچ آفيسر کان وٺي جج بڻجي فيصلا پيو ٻڌائي، پر هن قتل طرف ڪير به ڌيان نه ٿو ڏي.

هن قتل جي جاچ ڪندڙ ايس ايس پي بشير بروهي جي رپورٽ ۾ جاٿايل آهي ته هن ٽيڪنيڪل بنيادن تي جاچ ڪئي، جنهن ۾ قتل جي الزام هيٺ گرفتار فرزانا شاهه جي ماسات جي موبائيل لوڪيشن انهيءَ ڏينهن ۽ وقت مطابق اتي جي آهي، جيڪا هن اعترافي بيان ۾ به ٻڌائي آهي. پوليس جي ڪهڙي آفيسر جي جاچ رپورٽ درست ۽ ڪنهن جي غلط آهي، انهيءَ بابت ته فيصلو عدالت کي ڪرڻو آهي پر اسان جي سماج جي صورتحال انتهائي رحم جوڳي آهي، جو جنهن والده ۽ والد جو نوجوان پٽ قتل ٿي وڃي، جنهن ڀيڻ جو نوجوان ڀاءُ قتل ٿي وڃي، انهن جي گهر جي صورتحال ڪهڙي هوندي؟ ساڳئي وقت جنهن زال جو مڙس قتل ٿي وڃي، انهيءَ جي به حالت ڪا بهتر نه هوندي پر ماضي ۾ ان قسم جا ڪيترائي واقعا رپورٽ ٿيندا رهيا آهن ته مڙس کي قتل ڪرائڻ ۾ زالن کي ملوث ڏٺو ويو آهي، جنهن جا انيڪ مثال موجود آهن. انهيءَ جو اهو مطلب ناهي ته ڪو فرزانا شاهه به ملوث آهي، اهو فيصلو عدالت کي ڪرڻو آهي يا وري ڪنهن ڀيڻ ڀاءُ کي قتل ڪرايو هجي اهڙا واقعا به ضرور هوندا پر گهٽ ٿيا هوندا. هن وقت پارس شاهه جي قتل ۾ جتي سندس وني ڏک ۾ ورتل آهي، اتي مقتول جي پيرسن والده پڻ صدمي ۾ آهي، سندس ڀينرون ۽ گهر جا سمورا ڀاتي پڻ ڏک ۾ ورتل آهن. نوجوان پٽ جي قتل جي انصاف لاءِ پيرسن پيءُ عدالتن جا ڌڪا پيو کائي. ان وقت فرزانا شاهه کان وٺي سحر شاهه تائين مقتول جي گهر ڀاتين تي الزام هڻڻ ۽ قتل جهڙي سنگين معاملي تي بنا ڪنهن ثبوت يا جاچ ڪرڻ جي فتوائون ڏيڻ نه رڳو غير اخلاقي پر غير انساني رويو آهي. انهيءَ ڪري اڄو ته پنهنجي پراڻن اختلافن جي آڙ ۾ ڪنهن کان پلاند پاڙڻ بدران پاڻ سمورا سنڌ جا باشعور ماڻهو انهيءَ ڳالهه تي زور ڏيون ته پارس شاهه جي قتل ۾ ملوث ڪير به هجي، انهيءَ کي منظر عام آڻي ته مقتول جي پيرسن والده ۽ والد سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 01

شروع ٿيڻ جو امڪان آهي موسميات کاتي جي اختيارين جو چوڻ آهي ته ٽي کان اٺ جولاءِ تائين اسلام آباد، راولپنڊي، مري ۽ گليات ۾ تيز برسات ۽ ڳڙي جو امڪان آهي موسميات کاتي موجب، پنج کان اٺ جولاءِ تائين بارکان، لسٻيلو ڊي آءِ خان ملتان ۾ ڪنوڻ ۽ گجگوڙ سان گڏ برسات جو امڪان آهي موسميات کاتي ست کان اٺ جولاءِ تائين ڪراچي، سکر، جيڪب آباد، ٺٽي، عمرڪوٽ ۽ حيدرآباد ۾ ڪنوڻ ۽ گجگوڙ سان گڏ تيز برسات جي اڳڪٿي ڪئي آهي موسميات کاتي جو چوڻ آهي ته چار کان ست جولاءِ تائين راولپنڊي ۽ اسلام آباد برسات سبب اربن فلڊنگ جو خدشو آهي جڏهن ته ڪشمير ۽ گلگت بلتستان جي جابلو علائقن ۾ لينڊ سلائيڊنگ جو به امڪان آهي موسميات کاتي موجب، ڇهه کان ست جولاءِ تي تيز برسات سبب ڊي آءِ خان ۾ ٻوڏ جهڙي صورتحال جو خدشو آهي. موسميات کاتي موجب، آنڌاري، ڪنوڻ ۽ گجگوڙ سان برسات سبب ڪمزور انفراسٽرڪچر کي نقصان پهچي سگهي ٿو اربن فلڊنگ، لينڊ سلائيڊنگ ۽ ٻوڏ جي صورتحال جي خدشي کي نظر ۾ رکندي لاڳاپيل ادارن کي محتاط رهڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي.

بقايا 02

چيئرمين سينيٽ ميان رضا رباني مطالبو ڪيو آهي ته پي آءِ اي جي بحالي ۽ بحالي واري ڪميٽي ۾ سي بي اي ۽ ٻين تنظيمن کي شامل ڪيو وڃي. هن جو چوڻ آهي ته ايوي ايشن سيڪٽر لاءِ اسپيشل ريگيوليٽر مقرر ڪيا وڃن، وزيراعظم کي ياد رکڻ گهرجي ته ماضي ۾ وزيرن تي ٻڌل ڪميٽيون حل نه ٿي سگهيون. رضا رباني جو چوڻ آهي ته ماضي ۾ قائم ڪميٽيون حل نه ڳولي سگهيون ڇاڪاڻ ته انهن جا حل زميني حقيقتن جي ابتڙ هئا، ماضي ۾ اصل پائيوارن سان مشاورت نه ڪئي وئي هن چيو ته پي آءِ اي کي حل ڪرڻ لاءِ جامع سوچ جي ضرورت آهي، سمورن پائيوارن کي حل لاءِ ڪم ڪرڻو پوندو، اڳوڻي سينيٽ چيئرمين وڌيڪ چيو آهي ته پائلٽس جي پگهارن ۾ رڳو واڌ ڪئي وئي آهي، هاڻي ٻين ملازمن جون پگهارون به وڌايون وڃن. يونين کانسواءِ ڪنهن به حل جي مزاحمت ڪئي ويندي، سينيٽر رضا رباني جو اهو به چوڻ آهي ته حڪومت کي ڪراچي، لاهور ۽ اسلام آباد جي ايئرپورٽس کي آئوٽ سورس نه ڪرڻ گهرجي، هي اسٽريٽجڪ اهميت جا حساس قومي اثاثا آهن.

بقايا 03

پاڪستاني ٻطرفن لاڳاپن کي هٿي ڏيڻ لاءِ ڪردار ادا ڪن، هو چاهن ٿا ته جاپان ۾ رهندڙ پاڪستاني برادريءَ جا مسئلا حل ٿين پرڏيهي وزير چيو ته پاڪستان جي آءِ ٽي سيڪٽر ۾ وڏي صلاحيت آهي، نوجوانن کي هنرمند ۽ باصلاحيت بڻائڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن، هو چاهن ٿا ته پاڪستان ۽ جاپان ۾ زراعت جي شعبي ۾ ايڪسپورٽ وڌي. پ پ چيئرمين چيو ته جاپاني سيڙپڪار پاڪستان ۾ سيڙپڪاري ڪن، ڀرپور تحفظ فراهم ڪيو ويندو، آءِ ٽي سميت ٻين شعبن ۾ سيڙپڪاري جا وسيع موقعا موجود آهن هن چيو ته پاڪستان جي 65 سيڪڙو آبادي نوجوانن تي ٻڌل آهي، ملڪ جي نوجوانن کي روزگار جا موقعا ملڻ گهرجن.

بقايا 04

اهلڪار شهيد ٿي ويا آهن پوليس اختيارين موجب، دهشتگردن شيراني ضلعي جي علائقي دانه سر ۾ قائم چيڪ پوسٽ تي حملو ڪيو پوليس جو چوڻ آهي ته دهشتگردن جي حملي ۾ 3 پوليس ۽ هڪ ايف سي اهلڪار شهيد ٿي ويو آهي. جڏهن ته جوابي ڪارروائي ۾ هڪ دهشتگرد به مارجي ويو آهي پوليس اختيارين جو چوڻ آهي فائرنگ جي واقعي بعد علائقي ۾ سرچ آپريشن شروع ڪيو ويو آهي ٻئي پاسي بلوچستان جي وڏي وزير عبدالقدوس بزنجي حملي جي مذمت ڪندي چيو آهي ته دهشتگرد بزدلاڻي ڪارروائين سان سڪيورٽي فورسز جا حوصلا خطا نٿا ڪري سگهن. سڪيورٽي فورسز جون قربانيون قوم لاءِ مشعل راهه آهن هن وڌيڪ چيو ته سڪيورٽي فورسز جا جوان پختي عزم ۽ حوصلي سان ملڪ توڙي قوم جو تحفظ کي يقيني بڻائي رهيا آهن.

بقايا 05

ڪاميابي جو اشارو ڏيندي زور ڏنو آهي ته ايندڙ وقت اسان جو آهي ۽ اسان جي حڪومت ۾ پاڪستاني معيشت جي بحالي ۽ مهانگائي جو خاتمو پهرين ترجيح هوندي. دبئي ۾ مسلم ليگ يو اي اي جي وفد سان ملاقات دوران هن چيو ته ن ليگ پاڪستاني معيشت کي بحران مان ڪڍندي. ن ليگ سدائين پاڪستان کي ڏکئي وقت مان ٻاهر ڪڍيو آهي. ملاقات ۾ گڏيل عرب رياستن جي وفد جي قيادت ن ليگ يو اي اي جو صدر غلام مصطفيٰ مغل جڏهن ته نواز شريف سان گڏ مريم نواز به موجود هئي.

بقايا 06

سگهون ٿا، چوماسي جي برساتن ۾ به ان ئي جذبي سان ڪم ڪنداسين. تنقيد ڪندڙن يا سنڌن پارٽي جي نمائندن نه پر بلدياتي ادارن جي محنت سان هي ڪم ٿيو آهي. اڄ ڏينهن هو ڪلفٽن پارڪ ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو هو ڪراچي جي ميئر بئريسٽر مرتضيٰ وهاب وڌيڪ چيو ته عيد جي پهرئين ڏينهن پولو گرائونڊ ۾ چيو هو ته عملو ڪم ڪندي نظر ايندو، شهرين کي سهڪار ڪرڻ جي اپيل ڪئي هئي ته جيئن عوام جي خدمت ۾ ڪامياب ٿيون. هن چيو ته انتظاميه گڏيل 5 ڏينهن کان ڪم ڪري رهي آهي جنهن تي مان انهن جو شڪريو ادا ڪريان ٿو ان سان گڏوگڏ سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ جي سمورن آفيسرن، ضلعي انتظاميا سمورن ٽائون چيئرمينن ۽ عملي جو ٿورائتو آهيان. سڀ گڏجي پيار ۽ محبت سان ڪم ڪندا رهيا، هن چيو ته مان هر ٽائون جو دورو ڪيو آهي ۽ ڪم جي رفتار جو جائزو ورتو. الحمدالله بهتر طريقي سان شهر مان قرباني جي جانورن جا اوجهه هٽائڻ جو سلسلو عيد جي پهرئين ڏينهن کان ئي شروع ڪيو ويو جڏهن ته بوهري برادري هڪ ڏينهن پهريان عيد ملهائيندي آهي ۽ قرباني به هڪ ڏينهن پهريان ڪندي آهي. شايد تنقيد ڪندڙن کي 75 سالن ۾ پهريون دفعو پتو پيو آهي ته بوهري ڪميونٽي عيد ڪڏهن ملهائيندي آهي. اڄ ڏينهن به اهل حديث وارا قرباني ڪري رهيا آهن. ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته 135000 ٽن قرباني جي جانورن جا اوجهه نڪائي لڳايا ويا. جنهن ۾ روزانو گڏ ٿيندڙ ڪچرو به شامل آهي جنهن کي روزاني جي بنياد تي نڪائي لڳايو ويو شهر مان 24 هزار کان وڌيڪ عملو ڪم ڪري رهيو هو هن سال به اسڪائوٽس اسان جي مدد ڪئي، ميڊيا جي سمورن دوستن جو به شڪر گذار آهيان. ميڊيا مثبت رپورٽنگ ڪئي جتي جتي مسئلا هئا اتي نشاندهي ڪئي، ميڊيا جي نشاندهي سان ڪجهه جاين تي فوري صفائي ڪرائڻ ممڪن ٿيو ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته ڪٿي ڪٿي قرباني جي جانورن جي اوجهه تي باقاعده قبضو ڪيو ويو هي اهي ماڻهو هئا جيڪي شهرين سان قرباني جي جانورن جا اوجهه کڻي رهيا هئا جنهن تي اسان فوري طور پوليس سان رابطو ڪيو، 115 ڄڻن کي گرفتار ڪري سنڌن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وئي. ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته لينڊ فل سائيٽن تي وڃڻ وقت گاڏين مان قرباني جي جانور جي اوجهه ڪرڻ کان روڪيو ويو، ڪجهه ماڻهن جي ناڪاري سوچ اسان جا مسئلا وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي، ڪجهه ماڻهن ڪچري تي بيهي وڊيو ۽ سيلفيون ناهيون ۽ ٽوئٽ ڪيون ڪراچي ٿي اهو بدنصيب شهر آهي جتي سوشل ميڊيا تي شهر کي گندو ڏيکاريو ويو پر اتي مثبت سوچ رکندڙ ماڻهن به انتظاميه جي ڪوشش کي ساراهيو دنيا ۾ ڪٿي به 24 ڪلاڪن ۾ ڪچرو نه کنيو ويندو آهي، اهڙي طرح پورو وقت ڪچرو گڏ نه ڪيو ويندو آهي. جڏهن ته مقرر ڪيل وقت تي قرباني جي جانورن جا اوجهه کنيا ويا. ڪجهه جڳهين تي ڪچري پرسان سيلفيون ناهي مذاق اڏائي وئي ڪجهه دير ۾ صفائي ڪرائي وئي ته پوءِ وري فتح جو نشان ٺاهي تصويرون ڪڍيون ويون. ميئر ڪراچي چيو ته تنقيد ڪندڙن يا سنڌس پارٽيءَ جي ڪارڪنن صفائي نه ڪرائي پر سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ جي عملي جي ڪري هي ڪم ممڪن ٿي سگهيو. ڪنهن چيو ته اسان پنهنجي مدد پاڻ تحت قرباني جي جانورن جا اوجهه کنيا ڇا هن پنهنجي مدد پاڻ تحت قرباني جي جانورن جا اوجهه ڄام ڇاڪرو تائين پهچايا . پنهنجي گهرن جي سامهون قرباني جا اوجهه کڻي گهٽي جي ڪنڊ ۾ اڇلائي چيو ويو ته اسان پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪم ڪيو گهٽين مان سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ جي عملي قرباني جي جانورن جا اوجهه کنيا. اسين آهستہ آهستہ شهر کي صاف ڪرڻ جو ڪم مڪمل ڪري رهيا آهيون. ايندڙ چيلينج مون سون جي برساتن جو آهي. نالن جي صفائي لاءِ عملو موجود هوندو، نالا صاف ڪرايا ويندا. هڪ سوال جي جواب ۾ ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته هن شهر خراب وقت ڏسي ورتا آهن. سلو وقت اچي چڪو آهي ۽ اسان سنجيدگي سان شهر جا مسئلا حل ڪري رهيا آهيون. حافظ نعيم الرحمان هڪ معصوم ماڻهو آهي. هن کي خبر ناهي ته مان سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ جو چيئرمين آهيان. هن چيو ته سنڌ سالڊ ويسٽ بورڊ جو ايم ڊي مونکي رپورٽ ڪندو آهي. ميئر ڪراچي چيو ته ضلعي ڪورنگي ۽ ضلعي سينٽرل ۾ سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ کي مشڪلات کي منهنن ڏيڻو پئجي رهيو آهي پر پوءِ به ماضي جي ڀيٽ ۾ بهتر ڪم ڪيو ويو آهي اڳتي وڌيڪ بهتري جي گنجائش آهي. تحريڪ انصاف جي جنهن عهديدار روپوش چيئرمينز کي ڪڍيو آهي اهي پاڻ روپوش آهن. سنڌ جي پارلياماني تاريخ ۾ پهريون ڀيرو سنڌ جي بجيٽ اجلاس ۾ مخالف ڌر جو اڳواڻ موجود نه هو هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته مان اڃا واٽر بورڊ جو چيئرمين ناهيان. فائل سنڌ جي گورنر وٽ آهي ته پوءِ قانون ناهيو ويندو، ان کان پوءِ پاڻي جو معاملو به ڏسندس. جيڪڏهن چيئرمين ٿيس ته اهو مسئلو ترجيحي بنيادن تي حل ڪندس.

بقايا 07

برقرار رکي، ٿيهه جون تائين پي پي ايل جون رهتون ملي سگهيون نه اين ايف سي جو پورو شيئر ملي سگهيو عبدالقدوس بزنجو جو چوڻ هو ته وفاقي سرڪار کان خيرات نه پنهنجو حق گهري رهيا آهيون، پٽ سان نه لڳايو وڃي ۽ نه ئي سخت ردعمل تي مجبور ڪيو وڃي.

بقايا 08

تان مڪاني چونڊ وڙهڻ جو فيصلو ڪيو آهي. قانون موجب، ڪراچي جي ميئر تي ڇهن مهينن اندر اليڪشن وڙهي چونڊجڻ لازم آهي. مرتضيٰ وهاب جو ڏکڻ ضلعي ۾ گذري يوسي ۽ مليرجي مختلف يونين ڪميٽين تان به وڙهڻ جو معاملو غور هيٺ آهي. ذريعن موجب، مرتضيٰ وهاب لاءِ پيپلز پارٽي جي ڪئيل سيٽ خالي ڪئي ويندي. ذريعن جو چوڻ آهي ته مرتضيٰ وهاب مڪاني سيٽ کٽڻ بعد ڪراچي جي ڪائونسل جو اجلاس سڏائيندو.

بقايا 09

ڪرائڻ ۾ ناڪام ٿي وئي ڪيرجي سرڪاري ۽ غيرقانوني قيمت جو فرق وڌي 50 رپيا في ليٽر تائين پهچي ويو آهي. ڊيري مالڪ هڪ ليٽر ڪير تي پنجاهه رپين جو غيرقانوني منافعو ڪمائي رهيا آهن ٻئي طرف ڪراچي جي انتظامي عملدارن ڪير جي اگهه ۾ واڌ کان اڳڀرائي ڏيکاري ڇڏي. مهانگائي ماريل شهرين پاران ڪير جي اگهن ۾ واڌ کي رد ڪيو ويو آهي.

بقايا 10

۾ سيڪريٽري جنرل حسين ابراهيم طحہٰ زور ڏنو آهي ته تمام اسلامي ملڪ قرآن پاڪ ۽ پيغمبر اسلام جي توهين وارن واقعن جي روڪٿام لاءِ اجتماعي ۽ جوڳا قدم کڻن. سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي واري واقعي تي اسلامي سهڪار تنظيم ۽ او آءِ سي جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جو هنگامي اجلاس جده هيڊڪوارٽر ۾ ٿيو اجلاس ۾ پاڪستان، اردن، انڊونيشيا، ملائيشيا، آذربائيجان، گڏيل عرب رياستن، بحرين سميت رڪن ملڪن جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جا ميمبر شريڪ هئا، اسلامي سهڪار تنظيم جي پاڪستاني نمائندي فواد شير پاڪستان طرفان قرآن پاڪ جي بي حرمتي واري واقعي مذمت جوڳو قرار ڏيندي چيو ته هڪ طرف اسلامي دنيا عيدالاضحيٰ ملهائي رهي هئي ته ٻئي طرف ڪلام پاڪ کي ساڙڻ جهڙي ڪريل ۽ ناقابلِ برداشت حرڪت ڪئي وئي جنهن تي اسلامي دنيا کي سخت تڪليف پهتي، ان موقعي تي او آءِ سي جي سيڪريٽري جنرل حسين ابراهيم طحہٰ جو چوڻ آهي ته قرآن پاڪ ۽ پيغمبرِ اسلام صلعم جي بي حرمتي کي ڪنهن به ريت برداشت نٿو ڪري سگهجي، ان لاءِ عالمي قانون فوري طور لاڳو ڪرڻ جي ضرورت آهي، جيڪي نفرت پکيڙڻ کان روڪين ٿا.

بقايا 11

آهن پي آءِ اي ترجمان موجب، آپريشن تحت قومي ايئر لائين جي پهرين اڏام پي ڪي 832 جد کان لاهور پهچي جڏهن ته پي اڏام ڪراچي لينڊ ڪيو پي آءِ اي ترجمان جو چوڻ آهي ته قومي ايئرلائين جي آپريشن تحت اسلام آباد هوائي اڏي تي پهرين اڏام اڄ لينڊ ڪندي، آپريشن به آگسٽ تائين جاري رهندو.

بقايا 12

ڪري ڇڏيو آهي. پاڪستان ۾ سوئيڊن جي سفارتخاني طرفان پنهنجي حڪومت جو بيان ٽوئيٽر تي پوسٽ ڪيو ويو آهي جنهن ۾ چيو ويو سوئيڊن حڪومت اسلامو فوبيا تي ٻڌل اهڙي عمل کي سختي سان رد ڪري ٿي. سوئيڊش حڪومت جو چوڻ آهي ته اِهو واقعو سوئيڊن جي حڪومت جو موقف واضح نٿو ڪري. ٻئي پاسي يورپي يونين واقعي تي ردعمل ڏيندي چيو آهي ته واقعو جارحاڻو ۽ بعزتي تي ٻڌل، چڙڏيارينڊڙ آهي. اِهو عمل ڪنهن به طرح يورپي يونين جي راءِ جي عڪاسي نٿو ڪري. نسل پرستي، نفرت انگيزي ۽ عدم برداشت جي يورپ ۾ ڪائي جڳهه نه آهي.

بقايا 13

احسن اقبال چيو ته آءِ ايم ايف سان معاهدو ناٿي واري وزارت جي ان ٽيم جي ڪاميابي آهي جنهن جي قيادت وزيراعظم ڪئي.هن چيو ته پاڪستان تحريڪ انصاف آءِ ايم ايف سان معاهدو ناڪام بڻائڻ لاءِ لابنگ ڪئي پر ان باوجود موجودا حڪومت آءِ ايم ايف سان معاهدو ڪيو.هن چيو ته آءِ ايم ايف سان معيشت بهتر ٿيندي ۽ رپئي جي قدر مستحڪم ٿيندي، ايندڙ ڪجهه مهينن ۾ مهانگائي ۾ به لاٿ ايندي، اسان ملڪ جا مسئلا حل ڪنداسين. وفاقي وزير وڌيڪ چيو ته 2018ع جي سازش 1971 واري سانحي کان گهٽ نه هئي، 2018ع ۾ پاڪستان جو مستقبل کسيو ويو.

بقايا 14

هفتي پيپلز پارٽي جي قيادت سان هڪ ٻي ملاقات ڪندو. ذريعن جو چوڻ آهي ته نواز شريف سان استحڪام پاڪستان پارٽي جي اڳواڻن سان به رابطا ٿيا آهن. جنهن ۾ پنجاب جي سياست تي ڳالهه ٻولهه ٿي آهي. نواز شريف اڄ ن ليگ گڏيل عرب رياستن ۾ موجود قيادت سان به ملاقات ڪندو ذريعن موجب، اڳوڻي وزيراعظم جون فلحال ڪيئي اهم ملاقاتون رٿيل آهن ۽ هن وڌيڪ هڪ هفتو دبئي ۾ ترسڻ جو فيصلو ڪيو آهي.

بقايا 15

طور ڊرگ ريگيوليٽري اٿارٽي خلاف خط لکيو هو جنهن ۾ پاڪستان تي پابنديون لڳائڻ جو مطالبو ڪيو ويو هو ذريعن جو چوڻ آهي ته ڪجهه فارماسٽس طرفان عالمي مالياتي ادارن کي اي ميل ۽ خط لکيا ويا هئا ۽ الزام لڳايو ويو هو ته پاڪستاني ادارا مني لانڊرنگ ۾ ملوث آهن اختيارن جو چوڻ آهي پرڏيهي ادارن کي اهڙي قسم جا خط لکڻ غداري جي زمري ۾ اچي ٿو خط لکندڙ ماڻهو جعلي دوائن جي وڪري ۽ بليڪ ميلنگ جي ڪيسن ۾ ملوث آهن اختيارين موجب، حڪومت ملڪي ادارن خلاف مني لانڊرنگ جا الزام نه قبولڻ جوڳا ڏيندي ملڪي ادارن خلاف فنانشل ايڪشن ٽاسڪ فورس کي خط لکندڙ ماڻهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ذريعن موجب، صحت کاتي جي اختيارين ڪارروائي لاءِ ايف آءِ اي ۽ انٽيليجنس ايجنسين سان رابطو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي ته جيئن خط لکندڙ ماڻهن خلاف غداري جا ڪيس داخل ڪري سگهجن.

بقايا 16

جو عوام جي خدمت لاءِ جوش ۽ جذبو ساراهه جي لائق آهي مڪاني ادارن واري صوبائي وزير وزير سيد ناصر شاهه چيو ته سنڌ حڪومت عوام جي خدمت جو جذبو رکندڙ سمورن چونڊيل مڪاني ادارن جي نمائندن جي بغير ڪنهن فرق جي ڀرپور مدد ۽ سنڌن سهڪار تي يقين رکي ٿي. سيد ناصرحسين شاهه چيو ته سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ اٿارٽي ۽ چونڊيل مڪاني ادارن جي نمائندن سان گڏجي عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ ممڪن ڪوششون ڪيون آهن. سيني مڪاني ادارن جا نمائندا ۽ پنهنجن علائقن ۾ قرباني جانورن جي اوجهه جي صفائي سٿرائي تائين سرگرم رهن. صوبائي وزير هدايت ڪئي ته جن علائقن مان قرباني جي جانورن جو اوجهه رهجي چڪو آهي ته ان کي فوري طور هٽائڻ جو بندوبست ڪيو وڃي. مڪاني ادارن واري صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه چيو ته عوام عيد جي قرباني جي اوجهه جي صفائي سٿرائي بابت پنهنجون شڪايتون سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ هيلپ لائن نمبر 1128 تي فوري طور داخل ڪرائي سگهن ٿو سنڌ جي بلديات کاتي واري وزير چيو ته قرباني جي جانورن جي اوجهه جي صفائي سٿرائي بابت عوامي شڪايتن جو ازالو نه ڪندڙ لاڳاپيل آفيسرن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي. مڪاني ادارن واري صوبائي وزير حڪم جاري ڪندي چيو ته قرباني جي جانورن جو اوجهه کڻڻ ۽ صفائي جي ڪم جاري رکيو ويندو ته جيئن چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي عوامي خدمت جي ويزن کي هر ممڪن طريقي سان پورو ڪيو ويندو. سيد ناصر حسين شاهه چيو ته سمورا لوڪل گورنمينٽ جا ادارا ۽ نمائندا عوامي خدمت کي پنهنجو مقصد بڻائي چيئرمين بلاول ڀٽو جي ويزن کي پورو ڪري سگهن ٿا. صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه چيو ته ميڊيا عوامي شڪايتن کي اجاگر ڪري ۽ حڪومت انهن جي حل لاءِ هر ممڪن قدم کڻندي.

بقايا 17

جا بهترين انتظام ڪيا ويا. پنهنجي هڪ بيان ۾ هن چيو ته هو پنهنجن پيارن کان پري فرض سرانجام ڏيڻ وارن کي خراج تحسين پيش ڪري ٿو. شهباز شريف چيو ته مان سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ ڪمپنين جي آفيسرن ۽ انتظاميه کي خاص خراج تحسين پيش ڪريان ٿو جن عيدالفطر پنهنجن پيارن کان پري گذاري، پنهنجا فرض ادا ڪيا ۽ پنهنجن شهرن کي آلودگي ۽ گندگي کان پاڪ رکيو وزيراعظم وڌيڪ چيو ته هو پاڪستان جي عوام جو به شڪرگذار آهي جن انتظاميه جي آواز تي لبيڪ چيو ۽ سنڌن تعاون سان اهو سڀ ڪجهه ممڪن ٿيو.

بقايا 18

ذريعي ميرٽ تي پرتي ڪيو ويو آهي مقامي ميڊيا رپورٽن موجب. ڊاڪٽر روز ۽ برٽس پاڪستاني عورت شاهه چارلس جي پرائيويٽ سيڪريٽري آفيس جو حصو هونديون. اِها آفيس آئيني، حڪومتي ۽ سياسي معاملن لاءِ بادشاهه چارلس سان مشاورتي ذي وٽ ڪندي آهي. برطانوي ميڊيا جي رپورٽن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته برٽش پاڪستاني اعليٰ سرڪاري آفيسر جو عهدو بادشاهه جي اسسٽنٽ سيڪريٽري جي برابر هوندو.

بقايا 19

سعيد چوڌري جو چوڻ آهي ته وزيراعظم شهباز شريف جو اهو اعلان ته چونڊون مقرر وقت تي ٿينديون، ان جو وڏو ثبوت آهي ته اهم اتحادين ۾ چونڊن ۽ مستقبل جي حڪومتي جوڙجڪ بابت اتفاق ٿي چڪو آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته مستقبل ۾ به اجوڪن سمورن اتحادين جي گڏيل حڪومت هوندي. پلي ڪا سياسي پارٽي به ڀاڳي ٿي جي اڪثريت سان ڪامياب به ٿئي پر پوءِ به اڪيلي سر حڪومت ناهڻ بدران اجوڪن اتحادين کي حڪومت ۾ شامل ڪري اتحادي حڪومت جوڙي ويندي. ان سان گڏ 10 سالن لاءِ ميثاق معيشت تي اتفاق ڪري ان تي عمل يقيني بڻايو ويندو ايندڙ هفتي کان چونڊ سرگرميون ۽ جوڙ توڙ شروع ٿي وينديون. نواز شريف جولاءِ جي آخر تائين ملڪ اچي ويندو. چونڊ گهٽين رڪاوٽون ختم ٿي ويون آهن. هاڻي صرف ڪيس حفاظتي ضمانت وٺڻي پوندي ۽ هڪ اڌ ننڍن ڪيسن کي منهن ڏيڻو پوندو آرمي چيف جنرل عاصم منير ۽ نواز شريف جي ڪوشش سان آءِ ايم ايف سان ناهه ٿيو آهي. ان ۾ سريلنڪا جي صدر جون ڪوششون به شامل آهن. هاڻي نواز شريف دبئي جي شاهي خاندان سان سيڙپڪاري جا معاملاطئي ڪري سعودي عرب ويندو ۽ شاهي خاندان سان سيڙپڪاري لاءِ معاملاطئي ڪندو.

بقايا 20

ڏينهن ملڪ ۾ جون تمام بئنڪون ۽ مالياتي ادارا عوامي ڏي وٽ لاءِ بند رهندا جڏهن ته بئنڪ جو عملو مالي سال جي حسابن جي جاچ پڙتال لاءِ معمول موجب ڪم ڪندو ياد رهي ته پاڪستان ۾ هر سال 31 هين ڊسمبر تي ڪيلنڊر ايئر جي پڄاڻي ٿيندي آهي ۽ پهرين جنوري تي بئنڪ ۽ مالياتي ادارا عوامي ڏي وٽ لاءِ بند رهندا آهن جڏهن ته ٽيهه جون تي مالي سال ختم ٿيندو آهي جنهن سبب پهرين جولاءِ تي بئنڪ ۽ مالياتي ادارا بند هوندا آهن.

بقايا 21

چيو ته 12 جولاءِ کان بجلي سميت مهانگائي جي نئين لهر اچڻ واري آهي ۽ حڪومت جي اونڌي ڳڻپ شروع ٿيڻ واري آهي موجوده حڪومت نگران حڪومت ۽ ايندڙ حڪومت. تنهي حڪومتن کي 9 مهينن تائين آءِ ايم ايف جون سخت شرطون پوريون ڪرڻيون آهن 6 مهينن ۾ 11 بلين ڊالر واپس ڪرڻا آهن اڳوڻي وفاقي وزير چيو ته دوست ملڪن جي ڊيپازٽ ۽ يقين ڏيارڻ جي به جلد خبر پئجي ويندي. آءِ ايم ايف معاهدي ۾ غلطي جي گنجائش نه آهي. هاڻ يا ڪڏهن به نه جو ماحول پيدا ٿي ويو آهي. مڊل ڪلاس ختم ٿي ويو موجوده حڪومت ايترا فضول خرچ ڪيا آهن جيڪي هاڻ سنڌس ڳچي ۾ پئجي ويا آهن شيخ رشيد چيو ته پ پ جي پرڏيهي وزير 50 کان وڌيڪ پرڏيهي ملڪن جي دورن کان علاوه اتي سير سياحت به ڪئي پر آءِ ايم ايف جي معاهدي تي خاموش تماشائي بڻيل آهي. نوازشريف جو اچڻ يا نه اچڻ صحت تي ٻڌل نه آهي اهو سڀ ڪجهه سياست ۽ ڪيس جي فيصلي سان جڙيل آهي. عوامي مسلم ليگ جي سربراهه وڌيڪ چيو ته 13 پارٽين جو سياسي ڏيوالپڻو ۽ قوم جي معاشي تباهي ٿي وئي آهي. 10 مهينا ضايع ڪيا ويا، آخري ڏينهن معاهدو ڪيو ويو اڃان اڳيان ڏسو ته 12 آگسٽ تي ڇا ٿو ٿئي. هاڻ صرف روس طرفان سستو تيل اماڻڻ جي دير آهي. ڊيزل 7.50 رپيہ مهانگو ٿي ويو

بقايا 22

حسين ڪئمپ جيل لاهور ۾ چوڌري پرويز الاهي سان ملاقات ڪئي. چوڌري سالڪ ۽ چوڌري وجاهت حسين به چوڌري شجاعت سان گڏ ملاقات ۾ موجود هئا.چوڌري شجاعت حسين ملاقات کان اڳ پرويز الاهي جي چيڪ اپ لاءِ ميڊيڪل بورڊ به ڪئمپ جيل آيو ۽ ڊاڪٽرن پرويز الاهي جو طبي معائنو ڪيو ذريعن موجب. چوڌري شجاعت حسين جي چوڌري پرويز الاهي سان ملاقات هڪ اعليٰ شخصيت جي موجودگيءَ ۾ ٿي. ملاقات دوران ملڪي سياسي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ذريعن جو چوڻ آهي ته ملاقات ۾ چوڌري شجاعت حسين هڪ ڀيرو وري چوڌري پرويز الاهي کي چيو ته هو پي ٽي آءِ ڇڏي ٻيهر پنهنجي پراڻي جماعت کي جوائن ڪري، جڏهن ته چوڌري پرويز الاهي جو چوڻ هو ته هو اڃا ان باري ۾ ڪو به حتمي فيصلو ناهي ڪري سگهيو ذريعن موجب. چوڌري پرويز الاهي جو چوڻ هو ته جيڪي تڪليفون مونکي برداشت ڪرڻيون پيون آهي ڪيون آهن. هاڻي چوڌري مونس الاهي منهنجي سياست جي حوالي سان جيڪو به فيصلو ڪندو اهو قبول هوندو.

بقايا 23

وڏي مالي مدد ڪري ڏيوالي ٿيڻ کان بچايو. هاڻي وڌيڪ قرض به ڏيندو ۽ سي پيڪ تي وڏي سيڙپڪاري به ڪندو. سعودي عرب، قطر، بحرين، عرب عمارات، ترڪي ۽ ٻيا دوست ملڪ به دل کولي مدد ڪندا، چوته دبئي ۾ آءِ ايم ايف ۽ دوست ملڪن کي اسٽيبلشمينٽ سربراهه، وزيراعظم شهباز شريف، آصف علي زرداري ۽ نواز شريف گڏيل ضمانت ڏني آهي ته ڏڦيڙي سياست ڪندڙ پارٽي چڙوچڙ ٿي وئي آهي. ان ڪري مسلم ليگ (ن)، پيپلز پارٽي ۽ ٻيون ننڍيون وڏيون پارٽيون گڏيل حڪومت قائم ڪنديون. چونڊون شفاف ڪرايون وينديون ۽ سياسي غير يقيني ختم ڪئي ويندي. پرڏيهي سيڙپڪارن ۽ سنڌن سيڙپ جو مڪمل تحفظ ڪيو ويندو. اها ضمانت اسٽيبلشمينٽ خاص طور ڪرائي آهي. چو ته دوست ملڪن ۽ سيڙپڪارن کي سيڪيورٽي اسٽيبلشمينٽ جي ضمانت گهربل هئي.

بقايا 24

ڪوٽ آهي. مشهور واپاري چيو ته آءِ ايم ايف سان معاهدو ٿيڻ سان ملڪ ۾ بهتري ايندي. پر مسئلو اهو آهي ته ان کان پوءِ ڇا ڪرڻو آهي؟ اهو اهم سوال آهي. اوهان ڏسو ته اسان جي وفاقي حڪومت وٽ فنڊن جي تمام گهٽتي ڪوٽ آهي. اهي صرف پئسا گڏ ڪندا آهن ته جيئن پگهارون ادا ڪري سگهن. اسان ڳالهيون ته گهڻيون ڪندا آهيون پر ٽيڪس وڌائڻ تي ڪير به نه ڳالهائيندو آهي ته اسان کي پنهنجا خرچ گهٽ ڪرڻا آهن. نجي چينل سان ڳالهيون ڪندي ميان منشا چيو ته اسان هن سال هڪ بينڪ جو 9.5 ارب رپين جو ٽيڪس ڏنو آهي. هنن بينڪن تي سپر ٽيڪسز سميت تمام گهڻيون شرطون لڳائي ڇڏيون آهن جيڪڏهن اوهان بينڪن کي مضبوط نه رکندو ته ملڪ جي معيشت دٻاءُ ۾ رهندي. هن ملڪ ۾ 1 سيڪڙو ماڻهو ٽيڪس فائلرز آهن هن چيو ته پاڪستان ۾ معيشت جي لاءِ سيني کان وڏو مسئلو گورنمنٽ جي ادارن ۾ وڌيڪ ملازمن جي ڀرتي آهي.

بقايا 25

سان لاڳو ٿي ويو آهي. فيڊرل بورڊ آف روينيو (ايف بي آر) اهو ايڪٽ پنهنجي آفيشل ويب سائيٽ تي جاري ڪري ڇڏيو آهي. سپر ٽيڪس جو انڪم سليب 30 ڪروڙ مان وڌائي 50 ڪروڙ ڪيو ويو آهي، جڏهن ته 50 ڪروڙ کان مٿي سالياني آمدني تي 10 سيڪڙو سپر ٽيڪس لاڳو ڪيو ويو آهي.نئين فنانس ايڪٽ تحت، 30 ڪروڙ رپين کان مٿي بئنڪنگ ڪمپنين جي آمدني تي 10 سيڪڙو سپر ٽيڪس پڻ لاڳو ڪيو ويندو. 40 کان 50 ڪروڙ رپيا ڪمائيندڙ ڪمپنين کي 8 سيڪڙو سپر ٽيڪس ادا ڪرڻو پوندو. جڏهن ته 35 ڪروڙ کان 40 ڪروڙ رپين تائين سپر ٽيڪس جي شرح 4 مان وڌائي 6 سيڪڙو ڪئي وئي آهي.30 ڪروڙ کان 35 ڪروڙ جي سالياني آمدني تي 4 سيڪڙو سپر ٽيڪس جي شرح برقرار رهندي، 25 ڪروڙ کان 30 ڪروڙ آمدني تي 3 سيڪڙو سپر ٽيڪس جي شرح لاڳو ٿيندي. نئين فنانس ايڪٽ تحت 20 ڪروڙ کان 25 ڪروڙ رپين جي سالياني آمدني تي 2 سيڪڙو سپر ٽيڪس ادا ڪرڻو پوندو. 15 ڪروڙ کان 20 ڪروڙ رپين جي آمدني تي 1 سيڪڙو سپر ٽيڪس رهندو. جڏهن ته 15 ڪروڙ تائين جي آمدني تي سپر ٽيڪس جي شرح هوندي. رپيا صفر سطح تي آهي. نئين فنانس ايڪٽ ۾ آئل ريفائنري جا شعبا جن ۾ ايئر لائنز آٽوموبائيل، بيوريجز، سيمينٽ، ڪيميڪل، سگريٽ، تمباڪو سيڪٽر، پاڻ، لوهه، اسٽيل، ايل اين جي ٽرمينل ۽ آئل مارڪيٽنگ پڻ سپر ٽيڪس جي ڪيٽيگري ۾ شامل آهن. جڏهن ته پيٽروليم، 10. گيس، دواسازي، ڪنڊ، ٽيڪسٽائيل تي به سيڪڙو سپر ٽيڪس لاڳو ڪيو ويندو.

بقايا 26

ٿي ڪلاڪن کان فائرنگ جو سلسلو جاري هجڻ سبب مقتولن جا لاش واقعي واري هنڌ پيل آهن.ڌرين ۾ چڪتاڻ دوران مارجي ويلن ۾ رينواز ناريجو عبدالغفور، محمد صالح ناريجو ۽ هڪ ڪڪراڻي ڌر جو ماڻهو شامل آهن.

بقايا 27

هُن ميڊيا سان به ڳالهايو قائم علي شاهه چيو ته پي ٽي آءِ حڪومت جي غلط فيصلن سبب پاڪستان جي معيشت تباهه ٿي. موجوده حڪومت معيشت جي بهتري لاءِ ڪم ڪري رهي آهي قائم علي شاهه دعويٰ ڪئي ته مرڪز (وفاق) ۾ ايندڙ حڪومت پاڪستان پيپلز پارٽي جي هوندي ۽ بلاول وزيراعظم ٿيندو.

بقايا 28

هدايتون جاري ڪري ڇڏيون آهن. صادق سنجراڻي نجي بل کي فنانس بل سان گڏ منظور ڪرائڻ چاهيو ٿي. گڏيل ڏينهن قومي اسيمبلي ۾ سينيٽ چيئرمين جي مراعاتن بابت بل جي حڪومتي وزيرن سخت مخالفت ڪئي هئي. حڪومتي وزيرن جي رد عمل کان پوءِ صادق سنجراڻي طرفان بل واپس وٺڻ جو فيصلو ڪيو ويو ياد رهي ته سينيٽ چيئرمين جي تاحيات مراعات جي بل موجب سينيٽ چيئرمين ۽ سندس گهر ڀاتين کي به نجي علاج جي سهوليت حاصل هئي، جڏهن ته سينيٽ چيئرمين جي رهائشگاهه جو ڪرايو اڍائي لک رپيه ماهوار مقرر ڪيو ويو هو نئين قانون موجب سينيٽ چيئرمين پرڏيهي دوري دوران خاندان جي هڪ ماڻهو کي پاڻ سان گڏ وٺي وڃي سگهيو ٿي، جڏهن ته چيئرمين سرڪار جهاز ۾ به خاندان جي 4 ڄڻن کي گڏ وٺي وڃي سگهيو ٿي. ان کان علاوه چيئرمين جا ٻيا گهر ڀاتي به سرڪاري گاڏيون استعمال ڪرڻ جا حقدار هوندا. اهڙين مراعاتن ۾ سمورن اڳوڻن سينيٽ چيئرمينن کي تاحيات مراعاتون ملڻيون هيون جڏهن ته 3 سالن کان وڌيڪ چيئرمين رهندڙ به اضافي مراعاتن جو حقدار هو.

بقايا 29

ڪري ڏني. جوابي ڪارروائي ۾ 3 دهشتگرد مارجي ويا. پوليس موجب، ڪلاچي جي علائقي محلا رنجهي ۾ سيڪيورٽي فورسز جي سرچ آپريشن دوران شرپسندن سڪيورٽي فورسز تي فائرنگ ڪري ڏني.حملي ڪانپوءِ ڪافي دير تائين ٻنهي طرفن کان فائرنگ جو سلسلو جاري رهيو ۽ مقابلي ۾ 3 دهشتگرد مارجي ويا.ان مقابلي ۾ سيڪيورٽي فورسز جو ڪوبه جاني نقصان نه ٿيو واقعي ڪانپوءِ پوليس جي وڏي نفري علائقي کي ڪوڙاهي سرچ آپريشن جو دائرو وڌايو ويو

بقايا 30

چيو ته ڪشمور ڪنڌڪوٽ ضلعي مان اغوا ٿيل سمورن ماڻهن کي بازياب ڪرايو ويندو. جڏهن ته آءِ جي ايس ايس پي عرفان سمون کي فري هينڊ ڏئي ڇڏيو آهي.ايس ايس پي ڪنڌڪوٽ جي آفيس ۾ پريس ڪانفرنس دوران آءِ جي سنڌ چيو ته گهوٽڪي ضلعي ۾ پوليس جي جوانن ۽ آفيسرز جانيون قربان ڪري امن ڪرايو آهيهن چيو ته ڪشمور ڪنڌڪوٽ ضلعي ۾ به جلد امن قائم ٿيندو. آءِ جي سنڌ ضلعي مان اغوا ٿيل ماڻهن جي وارثن سان ملاقات ڪئي مغوي نينگر عظيم ميڪ، جگديش ڪمار، جئي ديپ ڪمار ۽ ٻين مغوين جي وارثن ايس ايس پي آفيس ۾ آءِ جي سان ملاقات ڪئيان کان اڳ مغوين جي وارثن ايس ايس پي آفيس آڏو ڌرڻو هڻي آءِ جي خلاف نعريبازي به ڪئي

بقايا 31

جو ڳوٺ روانو ٿيو هو امام بخش مهر جو چوڻ هو ته ڌاڙيلن فون ڪري ڀاءُ جي آزادي لاءِ 30 لک رپيا ڀنگ گهري رهيو آهيهن چيو ته اسان غريب آهيون. 30 لک رپيا ڪٿان آڻيون، گهر ۾ ماتم آهي. نوٽيس وٺي ڀاءُ کي بازياب ڪرايو وڃي

شهر پرسان ڳوٺ مير واحد بخش بجارائي جو رهواسي 12 ورهين جو نينگر گم

متن مائٽن ڏي ڳولها ڪرڻ باوجود نينگر جو هن وقت تائين پتو نه پئجي سگهيو آهي

نينگر ڳوٺ جي لاڙي تي ٽاڊل جي دڪان تي پورهيو ڪندو هيو: قدرت الله ميرائي جون ڳالهيون

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور شهر پرسان ڳوٺ مير واحد بخش بجارائي جو رهواسي 12 ورهين جو نينگر مقبول ميرائي گذريل ڏينهن کان پراسرار نموني گم ٿي ويو آهي وارثن پاران سندس جي متن مائٽن ڏي ڳولها ڪرڻ باوجود نينگر جو هن وقت تائين پتو نه پئجي سگهيو آهي جنهن بعد وارثن پاران نينگر جي اغوا جو شڪ ظاهر ڪندي غوثپور ٿاڻي تي بهچي واقعي جي اين سي داخل ڪري ڪرائي چڏي آهي پوليس اين سي داخل ڪرڻ بعد جاچ شروع ڪري چڏي آهي پر هن وقت تائين پوليس نينگر جو ڪو به پتو ناهي لڳائي سگهي جنهن سبب نينگر جي گهر ۾ روج راڙو متل آهي رابطي ڪرڻ تي نينگر جي چاچي قدرت الله ميرائي ٻڌايو ته نينگر ڳوٺ جي لاڙي تي ٽاڊل جي دوڪان تي پورهيو ڪندو هيو ۽ ڪالهه منجهند جو هڪ وڳي ماني جي موڪل وٺي گهر روانو ٿيو پر گهر نه پهتو وارثن پاران ڪالهه کان ڳولها جاري آهي پر نينگر جو پتو نه پئجي سگهيو آهي شڪ آهي ته ڪيس اغوا ڪيو ويو آهي.

خانپور مهر ويجهو ڳوٺ ور ڏڙو واسي نوجوان کي اغوا، ڌاڙيلن پاران 30 لک روپيا پنگ

ڳوٺ ور ڏڙو جي رهواسي نوجوان ڪريم بخش مهر کي اغوا ڪيو ويو آهي، وارثن تصديق ڪري ڇڏي

مسلسل ڳولا باوجود نه مليو، ڌاڙيل پاءِ کي پير ڳوٺ ويندي رستي مان اغوا ڪري ويا آهن: امام بخش مهر

خانپورمهر (آفتاب سيال) خانپورمهر ويجهو ڳوٺ ور ڏڙو واسي نوجوان کي اغوا. ڌاڙيلن پاران مغوي جي بازيابي لاءِ وارثن کان 30 لک روپيا پنگ طلب .وارثن پاران نوٽيس وٺي نوجوان کي بازياب ڪرائڻ جو مطالبو خبرموجب. خانپورمهر لڳ ڳوٺ ور ڏڙو جي رهواسي نوجوان ڪريم بخش مهر کي اغوا ڪيو ويو آهي. جڏهن ته وارثن پاران نوجوان جي اغوا جي تصديق پڻ ڪئي وئي آهي. ان سلسلي ۾ مغوي نوجوان جي پاءُ امام بخش مهر رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته سندس پاءُ عيد کان هڪ ڏينهن اڳ پير ڳوٺ درگاهه لاءِ گهران نڪري ويو هو جيڪو مسلسل ڳولا باوجود نه مليو. هن چيو ته ته ڌاڙيل پاءِ کي پير ڳوٺ ويندي رستي مان اغوا ڪري ويا آهن. اڄ ڌاڙيلن فون ڪري پاءُ جي بازيابي لاءِ 30 لک روپيا پنگ طلب ڪيو آهي، اسين مسڪين آهيون ايتري طاقت ناهي جو پنگ ڀري سگهون. خانپورمهر پوليس کي به اطلاع ڪيو آهي.مغوي نوجوان جي وارثن آئي جي سنڌ کان نوجوان کي بازياب ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو آهي. پوليس موجب وارثن نوجوان جي گمشدگي جو اطلاع ڪيو آهي وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي.

نوشهرو فيروز عيدالاضحيٰ جي موقعي تي مسافرن جي حفاظت لاءِ موٽروي پوليس سرگرم

موٽروي پوليس جون ڪارروايون، مسافرن کي 49 لک رپين کان وڌيڪ پاڙا واپس ڪيا ويا

پوليس پاران اوور لوڊنگ ۽ اوور لوڊنگ تي گاڏين تي 16 لک کان وڌيڪ ڏنڊ لاڳو ڪيو ويو

نوشهرو فيروز (رپورٽ) نوشهرو فيروز عيدالاضحيٰ جي موقعي تي مسافرن جي حفاظت ۽ آرامده سفر کي يقيني بڻائڻ لاءِ موٽر وي پوليس جون ڪارروايون. مسافرن کي 49 لک رپين کان وڌيڪ پاڙا واپس ڪيا ويا.. آءِ جي سلطان علي خواجا جي هدايتن تي موٽر ويز ۽ هاءِ ويز تي اوور لوڊنگ ۽ اوور چارجنگ گاڏين خلاف ڀرپور ڪارروائي ڪئي وئي، اوور لوڊنگ ۽ اوور لوڊنگ تي گاڏين تي 16 لک کان وڌيڪ ڏنڊ لاڳو ڪيو ويو ان سلسلي ۾ ڊي آءِ جي جاويد علي مهر جي هدايتن تي سنڌ ۾ نيشنل هاءِ وي، انڊس هاءِ وي ۽ ڪراچي حيدرآباد موٽر وي تي 3 هزار کان وڌيڪ گاڏين کي 12 لک 27 هزار کان وڌيڪ پاڙا وصول ڪرڻ ۽ مسافرن کان اوور لوڊ ڪرڻ تي 12 لک 27 هزار کان وڌيڪ ڏنڊ هنيو ويو. مسافرن کي رقم واپس ڪئي وئي ۽ سوين گاڏين کي بچايو ويو

ڪاشف اقبال ٿلسيميا ملٽيپل سينٽر پاران عيد جي ٽن ڏينهن تي گوشت تقسيم ڪيو ويو

سامونڊي طوفان بپرجواءِ جي متاثرن ۾ عيد جي ٽن ڏينهن تي قرباني جو گوشت ورهايو ويو

ڪيٽي بندر، ڪاروڇاڻ، جنگ شاهي ۽ ٻين ڪيترن ئي علائقن جي طوفان متاثرن ۾ گوشت تقسيم

ٺٽو (رپورٽ:جاويد لطيف ميمڻ) ڪاشف اقبال ٿلسيميا ملٽيپل سينٽر پاران شڪاگو فرينڊز جي سهڪار سان سامونڊي طوفان بپرجواءِ جي متاثرن ۾ عيد جي ٽن ڏينهن تي قرباني جو گوشت ورهايو ويو خبرموجب ڪاشف اقبال ٿيليسيميا ملٽي سينٽر ۽ شڪاگو فرينڊز جي سهڪار سان عيدالاضحيٰ جي ٽنئين ڏينهن تي ڪيٽي بندر، ڪارو ڇاڻ، جنگ شاهي ۽ ٻين ڪيترن ئي علائقن جي طوفان متاثرن ۽ ٻي گهرڀيل ماڻهن ۾ گوشت ورهايو ويو ان موقعي تي ڪاشف اقبال ٿلسيميا ملٽي سينٽر جي اڳواڻ خالد سليم آرائين چيو ته سامونڊي طوفان سبب ماڻهو سخت پريشان آهن. تيز هوائن سبب سندن گهر ڍهي پٽ ٿي ويا آهن. ڏهن ڏينهن کان مڇي مارڻ تي پابندي هجڻ سبب سندن معاشي مشڪلاتون به متاثر ٿيون آهن جنهن سبب اسان گذريل هفتي ساڻ تي سٺو خاندانن ۾ راشن ورهايو ۽ شڪاگو فرينڊز جي سهڪار سان اسان عيد جي ٽن ڏينهن تي قرباني جو گوشت ورهايو هئن چيو ته ٻئي مرحلي ۾ اسان جلد طوفان سبب متاثر ٿيندڙ ۽ ٻي گهر ٿيندڙ ماڻهن جي گهرن جي مرمت جو ڪم پڻ شروع ڪري رهيا آهيون.

آل پاڪستان واپڊا هائيڊرو يونين سيپڪو سکر جي اڳواڻن پاران ناصر حسين شاهه سان ملاقات

شجاع ڳهمرو ۽ ٻين اڳواڻ ناصر حسين شاهه سان ملاقات ڪري کيس عيد جون مبارڪون ڏنيون

چيئرمين چونڊجڻ تي مبارڪباد ڏني ۽ ملازمن کي درپيش مشڪلاتن ۽ ٻين مسئلن کان آگاهه ڪيو

سکر (بيورو رپورٽ) آل پاڪستان واپڊا هائيڊرو يونين سيپڪو سکر جي اڳواڻن تي مشتمل وفد ريجنل سيڪريٽري شجاع ڳهمرو جي اڳواڻي ۾ صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه سان ملاقات ڪري کيس عيد جون مبارڪون ڏنيون ۽ سندس پٽ سيد ڪميل حيدر شاهه کي چيئرمين چونڊجڻ تي مبارڪباد ڏني ۽ ملازمن کي درپيش مشڪلاتن ۽ ٻين مسئلن کان آگاهه ڪيو. ملاقات دوران وفد ايشيا جي عظيم مزدور اڳواڻ عبداللطيف نظاماڻي سان ٽيليفون تي رابطو ڪيو ۽ سيد ناصر حسين شاهه کي ملازمن جي مسئلن کي حل ڪرڻ جي گزارش ڪئي. وفد سان ڳالهائيندي صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه چيو ته اسان پورهيت طبقي جي هر مسئلي ۾ ساڻن گڏ آهيون ۽ سندن جائز حقن لاءِ هر فورم تي آواز اٿارينداسين. ملاقات دوران نذر حسين ميمڻ ۽ ٻيا عهديدار پڻ موجود هئا

ناروشاهه نوشهروفيروز لنڪ روڊ تان نامعلوم ڦورو ڏينهن ڏٺي جو ڦر ڪري ويا

ياسين عالماڻي کان پنج لک رپيا ڪيش ۽ سي ڊي موٽر سائيڪل ڦر ڪري فرار ٿي ويا

واقعو مشڪوڪ لڳي رهيو آهي واقعي جي اين سي داخل ڪئي آهي جانچ ڪري رهيا آهيون: پوليس

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) ناروشاهه نوشهروفيروز لنڪ روڊ تان نامعلوم ڦورو ڏينهن ڏٺي جو هٿيارن جي زور تي ٽيال چانه جي سيلزمين ياسين عالماڻي کان پنج لک رپيا ڪيش ۽ سي ڊي موٽر سائيڪل ڦر ڪري فرار ٿي ويا جڏهن ته ناروشاهه پوليس واقعي کي مشڪوڪ قرار ڏئي چيو ڊي ايس پي پريا لونگ شر ۽ ايس ايڇ او ناروشاهه رحم واسواڻو رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته واقعو مشڪوڪ لڳي رهيو آهي واقعي جي اين سي داخل ڪئي آهي جانچ ڪري رهيا آهيون.

صحافين کي به پنهنجا حق حاصل ٿيندا ۽ مظلومن کي به انصاف ملندو هن ماڻهن دور ۾ صحافت وڏي ترقي ڪئي آهي ۽ مظلوم جو آواز اعلي ايوانن تائين جلد پهچي ٿو محراب پور شهر ۾ صحافين لاءِ عمارت سرڪاري سطح تي هئڻ گهرجي. ان لاءِ هو جاکوڙي رهيا آهيون. آخر ۾ راڳ رنگ جي محفل پڻ رچائي وئي، جنهن ۾ سنڌ جو مشهور فنڪار برڪت سمون پنهنجي ساٿين سان گڏجي فن جو مظاهرو ڪري تقريب ۾ آيل مهمانن کي جهومائي ڇڏيو ۽ خوب داد حاصل ڪيو.

بقايا 01 سنڌيار

پاڻي جي ڪوٽ خلاف عوامي تحريڪ وارهه طرفان عوامي هائوس وارهه کان ريلي ڪيدي شهيد فاضل راهو چونڪ تي ڌرڻو هنيو ويو. ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي سينئر نائب صدر ڪامريڊ غلام مصطفيٰ چانڊيو، عوامي تحريڪ ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي صدر عرفان منان چانڊيو، سنڌي شاگرد تحريڪ جي مرڪزي صدر عاطف ملاح، حميد انقلابي، مجيب چانڊيو، سهراب چانڊيو، آفتاب چانڊيو، حامد چانڊيو، خان محمد چانڊيو، هوشو ڪنير، ستار ٻرڙو، شهبار چانڊيو، زڪريا چانڊيو ۽ ٻين چيو ته هرسال سانوڻي جي پاڻي جي هٿرادو ڪوٽ ڪري هاري، آبادگارن کي معاشي حساب سان ڪنگال بڻايو پيو وڃي، پاڻي جي اهڙي چوري ۾ ڪرپٽ آبپاشي آفيسر، ترجا چونڊيل نمائيندا ۽ ٻيا بااثر ملوث آهن جيڪي نٿا چاهين ته هيٺيون طبقو فصل ڪري خوشحال ٿي وڃي، اهڙي ملي ڀڳت ڪندڙ پاڻي چورن خلاف عوامي تحريڪ سدائين ميدان تي اچي حقيقتون عوام تائين پهچايون آهن. تنهن ڪري پاڻي واري جدوجهد ۾ هاري آبادگار ۽ پورهيت کي وڏي چڙهي شرڪت ڪرڻ کپي. اڳواڻن جو چوڻ هيو ته منڊ وارا بااثر ڏاڍ مڙسي ڪري ٻچڙي جي مسڪين هارين جو پاڻي چوري ڪري رهيا آهن. ٻيا وري پنهنجي نجي واٽر ڪورسن ۽ سم نالن وسيلي زرعي پاڻي وهائي بطور ڪٽنو وٺي رهيا آهن جيڪو سراسر ڏاڍ ۽ ظلم آهن. وس واريون ڌريون اهڙي ڏاڍ مڙسي جو نوٽيس وٺي تدارڪ ڪن، ٻئي صورت ۾ پاڻي جي چوري خلاف سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا 02 سنڌيار

صرف تفريح ڪرڻ سميت ماڻي ۽ ميوزيڪل پروگرام جنهن کي گالا نائٽ جو نالو ڏنو ويو پڻ انتظام ڪيا ويو هو جنهن ۾ سنڌ جي ناميارن ڳائڻن اڳوٽي ناليواري سنڌي فنڪار الهڏنو خاصخيلي جي پاڻيجي گلوڪار مجاهد خاصخيلي ۽ حيدرآباد سان واسطو رکندڙ ڳائڻي نيها علي پڻ تقريب ۾ پنهنجا سروڪيريا تقريب ۾ فارما آيڪشن ڪلب (پيڪٽ) ٺٽو جي اڳواڻن چيئرمن شوڪت قريشي - ڪو چيئرمن مجيد ڪٽي ،وائس چيئرمن نورالدين بروهي - صدر فدا ڪٽي ،جنرل سيڪريٽري لالا غفار خان - انفارميشن سيڪريٽري وڪاش ڪمار - اسپورٽس سيڪريٽري زوهيب علي ميمڻ - جوائنٽ سيڪريٽري ٽنو زين شورو ۽ جوائنٽ سيڪريٽري سجاول پاران بهترين پروگرام آرگنائز ڪرڻ تي شهرين ۽ سول سوسائٽي سميت صحافي برادري پاران کين زبردست خراج تحسين پيش ڪيو ويو تقريب ۾ پيڪٽ جي ميمبرن ۽ سنڌن نندڙن ٻارن هر قسم جي انجوائيمينٽ ڪئي وئي جنهن ۾ سوئمنگ پول ۽ آئوٽ ڊور گيمز شامل هيون ڪيڏيون ويون جڏهن ته تقريب ۾ ٺٽو پبلڪ پريس ڪلب ٺٽو جي چيف پيٽرن جاويد لطيف ميمڻ، مقبول حفي بخاري ،سينيئر نائب صدر مظفر خاصخيلي - ٺٽو پريس ڪلب جي صدر اقبال جاکرو - رشيد جاکرو سميت شهرين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي

بقايا 03 سنڌيار

ضلعي جي جاڪوڙي ڪردار رجب ميمڻ کي اغوا ڪرڻ ۽ سندس خاندان کي بار بار ٽيليفون ڏيڻ جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي ضلعي انتظاميه کان شفاف جانچ ڪرائڻ ۽ ڪيس في النور آزاد ڪرائڻ جي گهر ڪئي آهي اڳواڻن چيو ته پوليس بااثر ضلعي چيئرمين دانش ملڪاڻي جي ونگار وهندي مخالفن خلاف انتقامي ڪارروايون ڪري رهي آهي جيڪا ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪنداسين اڳواڻن چيو ته بااثر وڏيرو دانش ملڪاڻي رجب ميمڻ جي اباڻي زمين تي قبضو ڪرڻ چاهي ٿو جنهن جون شڪايتون پاڻ اعليٰ ايوانن تائين به پهچائي چڪو آهي پر هن مهل تائين ڪو تدارڪ نه ٿيو آهي اج وري ڪيس اغوا ڪري گم ڪيو ويو آهي ۽ پوليس خاموش تماشائي بڻيل آهي ۽ مظلوم رجب ميمڻ جو ساٿ ڏيڻ بجاءِ ظالم وڏيري سان ٻٽ بڻيل آهي اڳواڻن ضلعي انتظاميه سميت حڪومت وقت ۽ پيپلز پارٽي قيادت بالخصوص وزير اعليٰ سنڌ ۽ چيف جسٽس آف سنڌ کان مطالبو ڪيو ته فوري طور رجب ميمڻ کي آزاد ڪري سندس زمين تان قبضو ختم ڪرائي رجب ميمڻ جي خاندان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ٻي صورت سڄي سنڌ ۾ ظالم وڏيري دانش ملڪاڻي خلاف سڄي سنڌ ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 04 سنڌيار

تار ٽٽي دڪانن مٿان ڪرڻ سبب دڪانن جي ڇپرن کي باهه وڪوڙي وئي جنهن سبب دڪانن جا ڇپرا سڙي رک ٿي ويا باهه واقعي جاوڌيڪ تفصيل ڳوٺ ارڪو پٽيل ڪولهي جي رهواسين ۽ دڪان مالڪن موهن ڪولهي ۽ جڳسي ڪولهي ٻڌائيندي چيو ته رات تقريبن 3بجي ڌاري واپڊا جي مين لائين يارنهن هزار وولٽ جي تار ٽٽي اسان جي دڪانن مٿان ڪري پئي تار ڪرڻ سان دڪانن جي ڇپرن کي باهه وڪوڙي وئي هنن ٻڌايو ته اسان تنڊ ۾ ستل هئاسين ته روڊ تان گذرندڙ گاڏين جي ڊرائيورن اسان کي ننڊ مان اٿاري باهه جو ٻڌايو جنهن کانپوءِ اسان ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ تحت باهه کي وسائي ڳوٺ کي نقصان کان بچائي ورتو ٻي صورت ۾ اها باهه پکڙجي ڳوٺ ارڪو پٽيل ڪولهي کي وڌيڪ نقصان ڏي ها.

بقايا 05 سنڌيار

محمد حسن علي شاهه جيلاني سردار عثمان خان عالماڻي اڳوڻو ايم پي اي سيد حسن علي شاهه پرياسٽي فقير علي مرتضي لوڙهائي،سردار علي گل خاصخيلي صاحب سردار تبريز خان انڙ سردار پلي رکيو لاڪو عبدالستار لهراڻي محبوب ابڙو رئيس امتياز حسين خان ڳوپانگ سردار عبدالغفار خان ڌهراج رئيس فتح خان ڏونرو رئيس قاسم ڏنگراج رئيس علي نواز وسطڙو رئيس عبدالله وسطڙو رئيس عدنان استاد طفيل ڪرنل اختيار وسطڙو خيرور کان صدر نيشنل پريس ڪلب ايم ظفر تگر وسطڙو نديم وسطڙو ماماانور ۽ ٻين رئيس محسنن خان کي پڳ جو ورڌنو ان موقعي تي سردار محسن خان سيني آيل مهمانن جو شڪريو ادا ڪيو ۽ خاص ڪري پنهنجي برادري جو شڪريو ادا ڪيو ۽ واعدو ڪيوٽ هر ڏک سک ۾ برادري سان گڏ هوندس مان پنهنجي وڏڙن جي ڏسيل راهه تي هلندس ۽ هرماڻهو جو درد پنهنجو درد سمجهندس

بقايا 06 سنڌيار

درس، نور محمد ابڙو، سليمان ميمڻ، ڪشور ڪمار ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جتي ڳوٺ جي بنيادي مسئلن تي ڳالهائيندي ڳوٺاڻن چيو ته گذريل 70 سالن کان مسلسل ٻ ٻ کي ووٽ ڏيندا رهيا آهيون ۽ جڏهن کان هن ڳوٺ ۾ پولنگ ٿي آهي تڏهن کان هي پولنگ وڏي ليڊ سان ٻ ٻ کٽيندي رهي آهي پر بدلي ۾ اسان جي ڳوٺ ۾ چونڊيل نمائيندن هڪ به ترقياتي اسڪيم ناهي ڏني جيڪا سراسر زيادتي آهي هنن وڌيڪ چيو ته اسان جو اسڪول گذريل 13 سالن کان بناهه عمارت جي هلي رهيو آهي ۽ اسان جا معصوم ٻچا ڪلٽي آسمان تعليم پرائڻ تي مجبور آهن ۽ اسپتال ۾ ڪو به ڊاڪٽر نٿو مقرر ڪيو وڃي ۽ نه وري ڪا دوا ڏني پئي وڃي اسان کي چاجي سزا ڏني پئي وڃي هنن وزيراعلي سنڌ کان گهر ڪئي ته اسان جي ڳوٺ جا مسئلا جلد حل ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ ايندڙ اليڪشن ۾ ووٽن جو بائيڪاٽ ڪيو ويندو انهي موقعي تي ڳوٺاڻن ڪڏيل راءِ سان هڪ سماجي تنظيم ناهڻ لاءِ هڪ ڪميٽي چوندي جيڪا تنظيم جو آئين ۽ منشور ناهي هفتي اندر تنظيم جو بنياد رکي رجسٽر ڪرائي ويندي جنهن جو سيڪريٽري ڪشور ڪمار مينگهواڙ کي چونڊيو ويو

بقايا 07 سنڌيار

زمينن ۾ ڪاهي پيو آهي سوين ايڪڙن کان وڌيڪ زمين پاڻي هيٺ اچي وئي آهي ٿي ساريالي فصل جي پوکائي لاءِ ڳوٺاڻن طرفان پوکيل ٻيجارو پڻ ٻڏي ويو آهي متاثر ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته ڪوسڪي مائنرجي انجنيئر اظهر پنوجي ناقص ڪارڪردگي سبب مائنر ٽٽي پيو آهي ڪوسڪي مائنر جو آبپاشي انجنيئر اظهر پنو گهاري لڳڻ جي اطلاع باوجود ناهي پهتو آبپاشي عملدار ديوٽي تي اچڻ بدران پنهنجي گهرن تائين محدود بڻيل آهن گهاري جو پاڻي گهرن طرف وڌي رهيو آهي. ڳوٺاڻن الزام لڳائيندي چيو ته ڪوسڪي مائنرجي پچنگ جو ڪم نه ٿيڻ ڪري گهارو لڳو آهي ۽ ڪوسڪي مائنر هنڌان هنڌان ٽٽي رهيو آهي ۽ مختلف هنڌن تان روٽيون پئجي رهيون آهن انجنيئر اظهر پنو ڪوسڪي مائنر سميت آبپاشي ڪاتي ۾ وقتن بوقتن پچنگ ۽ واهن جي پلن جا ٽينڊر ڪرائي ڪروڙين رپين جي ڪرپشن ڪئي آهي جڏهن ته ڪوسڪي مائنر سميت واهن جي پچنگ جو ڪم نه ٿي سگهيو آهي آبپاشي ڪاتو ۽ وزير اعليٰ سنڌ نوٽس وٺي ملوث آبپاشي عملدارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ ڪوسڪي مائنر جو لڳل گهارو بند ڪرايو وڃي.

بقايا 08 سنڌيار

الاضحيٰ جي موقعي تي مسلمانن کي ٻيهر رلايو ويو، عيد الاضحيٰ جي موقعي تي پوليس جي هٿان قرآن پاڪ کي ساڙيو ويو امن امان ۽ دنيا ۾ دنيا جي سڀ کان وڏي دهشتگردي هڪ ٿي وقت اٿي رهندڙ اڍائي ارب مسلمانن جي جذبات کي مجروح ڪيو ويو. اظهار جي آزادي جي آڙ ۾ اسلام تي حملا هرگز برداشت نه ڪيا ويندا. ايم ايس او سنڌ صوبي جي جنرل مئنيجر اعظم طارق انصاري چيو ته پاڪستان حڪومت سويڊن ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي خلاف آواز اٿاري،مغربي دنيا جو بدصورت چهرو دنيا آڏو پڌرو ٿي چڪو آهي سويڊن جي گادي واري شهر جي مسجد ٻاهران عيد الاضحيٰ جي ڏينهن قرآن پاڪ کي ساڙڻ ۽ بي حرمتي ڪرڻ جو واقعو پيش آيو آهي. پرڏيهي اداري موجب استاڪ هوم پوليس عراق جي هڪ شهري کي ڪيترائي پيرا قرآن پاڪ کي جلاوطن ڪرڻ جي اجازت ڏيڻ کان انڪار ڪيو ۽ مقامي عدالت پوليس جي فيصلي کي اظهار جي آزادي جي خلاف قرار ڏئي چڏيو مقامي پوليس عيد جي موقعي تي شهر جي مرڪزي جامع مسجد ٻاهران شهرين کي مظاهرو ڪرڻ جي اجازت ڏني. جنهن بعد جوابدارن قرآن پاڪ کي باهه ڏئي پاڪ ڪتاب جي بي حرمتي ڪئي. ان موقعي تي پوليس پاران ملعون جي حفاظت لاءِ سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا هئا. اتي موجود مسلمانن قرآن پاڪ جي بي حرمتي خلاف سخت احتجاج ڪيو ۽ الله اڪبر جا نعرا هنيا. جڏهن ته پوليس هڪ مسلمان تي پٿراءُ ڪرڻ جو الزام هنيو قرآن پاڪ جي بي حرمتي صاف ظاهر آهي ته انساني قدرن جو ڪو به احترام نه آهي جنهن تي مسلمانن سميت هر باضمير انسان جي دل ڏکايل آهي. ۽ اها ڳڻتي آهي ۽ اها فطري ڳالهه آهي ته مسلم دنيا جو ان ظالمانه عمل تي سخت رد عمل ظاهر ٿئي

بقايا 09 سنڌيار

پوليس ليٽر ملڻ بعد اسپتال منتقل ڪيو ويو. ان سلسلي ۾ هڪ ڌر جي عاشق علي مهر معصوم ٻارڙن سميت سرڪاري اسپتال ۾ صحافين کي دانهيندي ٻڌايو ته منهنجي غير موجودگي ۾ عبدالعزيز مهر، عامر، فهيم، غلام فريد ۽ ٻين منهنجي گهر تي حملو منهنجي گورهاري گهرواري شباز ۽ منهنجي امڙ ذليخا مهر کي زخمي ڪري چڏيو آهي هن چيو ته جوابدار بااثر آهن ۽ مونکي ڳوٺ جي اساس جي زمين مان لڏي وڃڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن. عاشق مهر چيو مون مٿان گهر مٿان قبضي جا بي بنياد الزام هڻي رهيا آهن. ٻي ڌر جي عبدالعزيز مهر ٻڌايو ته عاشق مهر، عارف، رفيق مهر وارا گهر تي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا اڄ انهن حملو ڪري مستاني عورت گلستان مهر ۽ مسمات صبرينه کي ڏک هڻي زخمي ڪري ڇڏيو آهي حملي ۽ تشدد وارا الزام بي بنياد آهن.جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي. هوڏانهن خانپورمهر ٿاڻي ٻنهي ڌرين پاران هڪٻئي خلاف اين سي رپورٽ داخل ڪئي وئي آهي.

بقايا 10 سنڌيار

عبدالغفور ٻهوڙ، عبدالرشيد ٻهوڙ زخمي ٿي پيا. جڏهن ته جهيڙي ۾ ٻي ڌر جا مائي مريم، نينگريون شمشاد، ارشاد، غلام رسول، علي اصغر، عبدالرحيم ٻهوڙ، عبدالقادر، سعد الله ٻهوڙ سميت ٻنهي ڌرين جا 14 ماڻهون زخمي ٿي پيا جن کي سرحد ٿاڻي تان ليٽر ڏئي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو. هوڏانهن سرحد ٿاڻي جي وڏي منشي وقاص دايو رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته ٻنهي ڌرين جي زخمين کي علاج لاءِ ليٽر ڏئي اسپتال منتقل ڪيو آهي ۽ ٻنهي ڌرين جي اين سي پڻ داخل ڪئي وئي آهي. جهيڙي کي روڪڻ لاءِ پوليس کي سنڌن علائقي ۾ سرگرم ڪيو ويو آهي.

بقايا 11 سنڌيار

تي مظاهرو ڪندڙن جو چوڻ هو ته قرآن پاڪ اسان مسلمانن جو مقدس ڪتاب آهي جنهن جي بيحرمتي ڪندڙن کي شرم اچڻ گهرجي قرآن پاڪ جي بيحرمتي ناقابل برداشت آهي مظاهرو ڪندڙن جو وڌيڪ چوڻ هو ۽ اهڙي ڪرڻ تي سموري دنيا جي مسلمانن ۾ ڏک جي لهر ۽ ڪاوڙ ڇانيل آهي جڏهن ته مسلمان ملڪن ۽ او آئي سي کي گهرجي ته سوئيڊن حڪومت خلاف ايڪشن ڪن مظاهري جي قيادت سماجي اڳواڻ غلام مجتبيٰ خشڪ .ارشاد ڪتري. ساجد شاهه جيلاني ۽ مظهر ميمڻ - سجاد سمون ۽ بابو خشڪ ڪري رهيا هيا

بقايا 12 سنڌيار

ڪئي انعام آزاد لاڙڪ ڳوناٽي ۽ عوامي تاريخ قلمبند ڪري عظيم ڪم ڪيو آهي سندس ڪتاب رفرنس طور ڪم ايندو: مقرر رپورٽ موجب نئون ديرو لڳ رتوديرو تعلقي جي تاريخي ڳوٺ پنجوديرو ۾ ناليواري اديب استاد شاعر ۽ محقق سائين انعام آزاد لاڙڪ جي ترتيب ڏنل ڪتاب "پنجوديرو ۾ پيار پريا پهر" جي زبردست مهورتي تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ سنڌ جي مختلف شهرن کان شاعرن اديبن ۽ محققن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي تقريب جي صدارت ناليواري اديب شاعر ۽ براهِ ڪاسٽر ڪوثر ٻرڙو ڪئي ۽ خاص مهمان معروف شاعر پبلشر ۽ صحافي مشتاق بخاري هو جڏهن ته نامور محقق امام راشدي آرٽس ڪائونسل لاڙڪاڻي جي ادب شعبي جو چيئرمين عيسيٰ ميمڻ ۽ مشهور نعتيه شاعر اصغر مهيسر اعزازي مهمانن ۾ شامل هئا خوبصورت پروگرام جي ڪارروائي مزاحمتي شاعر منظور منگي هلائي جڏهن ته ناميارا شاعر ساقي ابڙو منظوم پيتا پيش ڪئي تقريب ۾ مقررن خطاب ڪندي چيو ته پنجوديرو ڳوٺ سنڌ جو قديم تاريخي ۽ علمي ادبي ڳوٺ آهي جنهن ۾ وڏيون وڏيون علمي ادبي شخصيتون ۽ مختلف شعبن ۾ پاڻ مڃائيندڙ متحرڪ ڪردار پيدا ٿيا جن سڄي سنڌ ۾ پنجوديرو جو نالو روشن ڪيو سائين انعام آزاد لاڙڪ پنجوديرو ۽ پسگردائي جي عوامي ۽ ڳوٺائي تاريخ لکي يقينن وڏو عظيم ڪم ڪيو آهي سندس هي ڪتاب "پنجوديرو ۾ پيار پريا پهر" ايندڙ نسلن لاءِ رفرنس طور ڪم ايندو ان موقعي تي ڪتاب جي ليکڪ انعام آزاد لاڙڪ کي دوستن پاران مبارڪون ۽ مختلف تحفا ڏيڻ سان گڏ ٻن ادارن پاران مڃتا سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنا ويا تقريب ۾ مٿين کان علاوه ناميارا محقق برڪت جيهو، مزاحمتي شاعر ساقي ابڙو، جي ايم رئيساڻي، جاويد جوش منگي، جيون لاڙڪ، سندر سومرو، رياض حسين ميمڻ، سليم سولنگي، مختيار ٻرڙو، سميع ساجد جوڻيجو ۽ ٻين پڻ انعام آزاد لاڙڪ جي شخصيت ۽ سنڌس ڪيل قلمي پورهئي تي روشني وڌي

بقايا 13 سنڌيار

نور حسن پليجو، سيد عادل شاهه عمر تاهيو غلام مصطفي هالائي، سليم هالائي، امير بخش ٿهيم، سجاد علي ٿهيم ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سنڌن قديمي ڳوٺن جي لڳ ڀڳ 100 ايڪڙ زمين ايڊيشنل ڪمشنر ٽو حيدرآباد شيخ محمد رفيق ڳري رشوت وٺي ڪوڙن ڪاغذن عيوض ڪرڙو ڪاٽو ڪري درا خيز ڪوهاٽ جي غير مقامي شخص جي معيز علي ٽريڊ ڪمپني ڪي ڏني ريبي آهي. ڳوٺاڻن جو چوڻ هو ته سنڌن ڳوٺ پاڪستان ٺهڻ کان اڳ جا آهن، ڳوٺن جي زمين جا ڪوڙا ڪاغذ ٺهڻ خلاف ڳوٺاڻن ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو آڏو ڪيس داخل ڪيو جنهن زمين جي ڪاغذن توڙي ثبوتن ۽ ماتحت آفيسرن جي رپورٽن بعد ڳوٺاڻن جي حق ۾ فيصلو ڏنو. پر ايڊيشنل ڪمشنر حيدرآباد اسان کي ٻڌڻ بغير ڊي سي ٺٽي جي آرڊر کي رد ڪندي هڪ طرفو فيصلو جاري ڪري قديمي مقامي رهواسين جي حق تلفي ڪئي آهي. ڳوٺاڻن جو چوڻ هو ته معيز ڪمپني جا ڪارندا ڳوٺاڻن کي لڏائڻ ۽ زمين خالي ڪرائڻ لاءِ ڌمڪيون ڏيئي رهيا آهن. ڳوٺاڻن چيو ته اهو ڪيئن ممڪن آهي ته اسان جيئرا هجون ۽ اسان جون زمينون ڌارين وٽ هجن هنن چيو ته ڳوٺن جي زمين ڪوڙن ڪاغذن عيوض معيز ڪمپني حوالي ڪرڻ واري فيصلي خلاف ضلعي جي مختلف پريس ڪلبن آڏو احتجاج بعد ڪمشنر آفيس جو گهيراءُ ڪيو ويندو.

بقايا 14 سنڌيار

[illegible]

بقايا 15 سنڌيار

[illegible]

بقايا 16 سنڌيار

[illegible]

بقايا 17 سنڌيار

[illegible]

بقايا 18 سنڌيار

[illegible] حسين شاهه سيد فصيح شاهه ايم اين اي سيد غلام مصطفيٰ شاهه موجود هئا وفاقي وزير سيد خورشيد احمد شاهه سان ايم اين وي ڊرين جا گهارا بند نه ٿيڻ جي پڻ دادو ضلع ڪائونسل جي چيئرمين سيد محمد شاهه شڪايت ڪئي ۽ دادو جي بنيادي مسئلن بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي، صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه سان لوڪل گورنمينٽ جي مسئلن تي پڻ ڳالهه ٻولهه ڪئي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل دادو کي وڌيڪ فنڊز ڏيڻ لاءِ، صوبائي وزير کي چيو جنهن تي سيد ناصر حسين شاهه کيس يقين ڏياريو ته چونڊجي آيل چيئرمينن جي مسئلن کي جلد حل ڪبو ،ته جيئن هو پنهنجي حلقن ۾ عوام جي بهتر نموني سان خدمت ڪري سگهن

بقايا 19 سنڌيار

ڪلب تائين احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو انهي موقعي تي اڳواڻن ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته گلاب لغاري پوليس 4 ڏينهن اڳ ڪيس داخل ڪيو آهي ليڪن جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام وئي آهي هنن چيو ته جوابدارن مان اسان کي خطرو آهي ته هو ڪنهن به وقت ڪين نقصان پهچائي سگهن ٿا هنن پوليس جي اعلي اختيارين کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته جوابدار کي جلد کان جلد گرفتار ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 20 سنڌيار

پيل آهن جنهن جو علاج ڪرائڻ لاءِ ڊاڪٽر کي گهرايو ويو آهي ۽ انهن جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي اهڙي خبر پوندي ئي گهر پاتين ۽ ٻارن ٻچڙن ۾ روڄ راڙو مچي ويو پورهيتن جي گهر ۾ عورتن ۽ مردن کي صدمي ۾ بيهوشي وارا دورا پئجي ويا ملڻل ڄاڻ موجب ڳوٺ پاهران جوٺر جو فصل بيٺل هو جنهن کي ڪيتري ٿي عرصي کان پاڻي نه مليو جنهن ڪري جوئر ۾ زهريلا جيت پيدا ٿي ويا پورهيت ابراهيم ۽ سندس گهر پاتين جوچوڻ هو ته اسان جو گذر سفر انهن ميهن تي هو جيڪي هائي مري ويون آهن هنن چيو ته اسانجون پندرنهن لک جو مينهون مري ويو آهن متاثرن ڊي سي گهوٽڪي ۽ اعلي اختيارن کان مدد جي اپيل ڪئي آهي

بقايا 21 سنڌيار

چيئرمين سڪندر علي چانڊيو، لالا حسن پٺاڻ، غلام سرور باغائي، اسد علي پٺاڻ، يحيا راجپوت، سڪندر، قمرالدين چانڊيو، سيد اظهار شاهه، منظور ملڪ ۽ ٻين چيو ته ملڪي معاشي حالتن سبب مجموعي طور ترقياتي ڪمن جي رفتار گهٽجي وئي آهي. پر ان باوجود سنڌ بالخصوص ملياڻي ۾ ڪم جاري آهن هنن جو چوڻ هو ته عوام کي ترقياتي ڪمن ۾ شامل ڪري بهتر نتيجا حاصل ڪري سگهجن ٿا، عوام کي به گهرجي ته هو مالڪي ڪن ۽ صفائي سترائي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن عيد ملن پارٽي ۾ انور پٺاڻ، رانا غلام سرور، عتيق الرحمان قريشي ، صوبدار علي مشوري، رانا شمشير، رانا جمن، زاهد حسين، اڪرام راجپوت، نذير علي مستوئي، نظام الدين مشوري، زنوار چانڊيو، مير مختيار سومرو، اعجاز چانڊيو، رستم علي جتوئي، محبوب علي ملاح، سليم رضا پٽي، رائو طفيل، نذير احمد مستوئي، عبدالستار ڪنير، سڪندر علي پنهور، فرهاد حسين مستوئي، معشوق علي خاصخيلي، ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

بقايا 22 سنڌيار

۽ هڪ ڌوهاري مخمور ميرائي کي زخمي حالت گرفتار ڪري ٿيار هٿ ڪري ورتا آهن جڏهن ته سندس ساٿي فرار ٿي ويا گرفتار ڌوهاري موٽرسائيڪل ڦرڻ، چوري، ڌاڙن، پوليس مقابلن سميت ڪيترن ئي سنگين ڏوهن ۾ پولس کي گهربل هو. گرفتار زخمي جوابدارن کي علاج خاطر سول اسپتال سکر منتقل ڪيو ويو آهي. گرفتار جوابدار جو مختلف ٿاڻن ۽ ٻين ضلعن مان ڪرمنل رڪارڊ چيڪ ڪيو پيو وڃي

بقايا 23 سنڌيار

[illegible]

بقايا 24 سنڌيار

[illegible]

بقايا 25 سنڌيار

[illegible] حاجي عبدالغفار، استاد عبدالستار ميتلو،استاد محمد حنيف، گل بهار حسين،عدالت حافظ سهيل احمد، عل گل، عبدالرئوف ۽ ٻين ٻوٽا پوکي وڻڪاري مهم ۾ حصو ورتو. ان موقعي تي ڊائريڪٽر ايگريڪلچر عبدالستار گهانگهرو ۽ مفتي محمد طاهر جو چوڻ هو ته اسان کي گهرجي ته پنهنجي مدد پاڻ تحت وڻڪاري مهم شروع ڪري پنهنجن شهرن ڳوٺن محلن، گهرن اوطاقن مسجدن کي فاريسٽ ۾ تبديل ڪيو. موجوده صورتحال ۾ سخت گرمي به ماحولياتي تبديلين جو سبب بڻي آهي. ماحولياتي آلودگي ۽ موسمات تبديلين جو مقابلو ڪرڻ لاءِ، وڌ کان وڌ وڻ پوکيا وڃن. شهرن ۽ ڳوٺن کي فاريسٽ ۾ تبديل ڪرڻو پوندو.

بقايا 26 سنڌيار

هلائي ۽ سنڌ جي ناميارن انقلابي شاعر، اديب، ليکڪ ۽ بيباڪ صحافي عاجز امتياز نوح پوٽو پنهنجي شاعري پڙهائي پروگرام کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا ۽ ڪوٽڙي ڪبير پريس ڪلب جي صدر عبدالرزاق لاشاري پروگرام ۾ آيل سيني مهمانن جو شڪريو ادا ڪيو. جڏهن ته سنڌ جي ناليواري راڳي ساجد علي خاصخيلي ۽ سنڌس ٽيم صوفيانو ڪلام سان گڏ قومي گيت ٻڌائي محفل ۾ ويٺل ماڻهن کي جهومڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو، عيد ملن پارٽي پروگرام ۾ سينئر صحافين ظفر علي اعوان ، محبوب راجپر، وقار خاصخيلي ،عمر الدين پانيڻ ، غلام اصغر هليو ،عجب لاشاري، استاد محمد پنحل لاشاري، مسرور احمد شر منظور علي راجپر، محمد صديق راجپر، سميت وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي . جڏهن ته پروگرام ۾ آيل مهمانن کي بهترين ماني ڪارائي وئي

بقايا 27 سنڌيار

بي واجبي ڪندڙن سان مليل آهي انصاف ڏنو وڃي مطالبو خبر موجب نگراڻي ۽ سومرا برادري جي ماڻهن عورتن ۽ ٻارڙن سميت مائٽن جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو احتجاج ڪندڙن گل محمد لال ڏنو نثار احمد سومرو مائي تهمينا زرينا ۽ ٻين الزام هڻندي چيو ته بااثر مائٽ شاهنواز سومرو نور حسن مير حسن ۽ ٻيا رڪشي تي مزدوري ڪندڙ پورهيت لالڏنو کي بناجواز تشدد جو نشانو بڻايو جنهن جي رڙين تي سنڌس پيڻ ڇڏائڻ آئي ته ان کي به سخت تشدد بعد گهر مان ڪڍي ڇڏيو احتجاج ڪندڙن چيو ته بااثر مائٽ اچا به جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن ۽ تياڻين جو گهر برباد ڪرڻ چاهين ٿا پر پوليس اطلاع باوجود انصاف نٿي ڏئي احتجاج ڪندڙن ايس ايس پي سکر ۽ ٻين اختيارين کان مطالبو ڪيو ته شفاف انڪوائري ڪري اسان کي تحفظ ڏئي انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 28 سنڌيار

نه ڪئي سگهي صرف پوليس کي زباني اطلاع ڏئي پير ڪٽائي خاموش ٿي وئي جنهن سبب اسپتال ۾ ايمرجنسي دوران جنريٽر نه هئڻ سبب رات جي وقت اونداهي ڇانئيل رهي ٿي جڏهن ته ان کان اڳ به ڪمپيوٽر ايسين بلب چادرون پڻ چوري ٿي ويا ذريعن موجب چورن کي اسپتال جي عملي جي سرپرستي هئڻ سبب وڏي عرصي کان بي خوف ٿي چوري ڪن ٿا هتان جي سياسي سماجي ڌرين لياقت علي ملاح امير بخش خاصخيلي اشفاق ڳنيبر ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته اسپتال انتظاميا جي غفلت جو نوٽيس ورتو وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 29 سنڌيار

ڪئي وئي ايوارڊ تقريب ۾ چيف گيسٽ ، سردار نظير احمد خان چامڙو ڪامياب رانديگرن ۾ ايوارڊ تقسيم ڪيا تقريب جا خصوصي مهمان سنڌ پريس ڪلب راڻيپور جو صدر گلڻ چامڙو ،مير محمد چاچڙ ،حيدر علي عمراڻي ، نعمت الله وساڻ، ظفر جوهاڻ، هدايت الله وساڻ ، عطا چامڙو هئا ان موقعي تي خطاب ڪندي چيف گيسٽ سردار نذير احمد خان چامڙو چيو ته نوجوانن لاءِ راندين ذهني ۽ جسماني طور تندرست رهڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون ان ڪري سنڌ جي هر هڪ شهر ۾ راندين لاءِ ڪشاده گرائونڊ هجڻ گهرجن هر ٽائون ڪاميٽي ۽ يونين ڪائونسل سطح تي اسپورٽ جا فنڊ مقرر ڪيا وڃن ۽ مختلف ڏينهن تي راندين جا هفتا ملهائڻ گهرجن ان سان نوجوان طبقو فضول سرگرمين کان پري ٿي راندين جا ميدان آباد ڪندو چوڻ تعليم سان گڏ رانديون به ضروري آهن انهن سان نوجوان جسماني ۽ ذهني طور صحت مند رهندا ۽ معاشري لاءِ ڪار آمد فرد ثابت ٿيندا.

بقايا 30 سنڌيار

محمد صادق سولنگي،رقاص لوهر،قمرالدين جهواڻ،مظهر راز قريشي ۽ ٻين چيو ته ٽرانسپورٽ مافيا ريلوي انتظاميا کي ڳري رشوت ڏئي گذريل 11 مهينن کان روهڙي، لاڙڪاڻي، دادو، ڪوٽڙي ٽريڪ تي هلندڙ پشاور کان ڪراچي هلندڙ خوشحال خان خٽڪ ايڪسپريس،ڪوئيٽا کان ڪراچي تائين هلندڙ بولان ميل روهڙي کان ڪوٽڙي تائين هلندڙ موهن جو دڙو ايڪسپريس بند ڪيون ويون آهن. جنهن ڪري مذڪوره ريلوي ٽريڪ جي سمورن ريلوي اسٽيشنن تي عوام کي مليل سستو ۽ معياري سفر جي سهولت کسي وئي آهي ٽرانسپورٽ مافيا ريلويز اختيارن سان هٿ بڻيل آهي جنهن ڪري وفاقي سرڪار سنڌ جي عوام جي آواز کي ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهي هنن اڳواڻن جو وڌيڪ چوڻ هو ته تعصب پرست ريلويز اختيارين هٿ وٺي مسافر ريل گاڏين جي بحالي نه ٿي ڪري ۽ پوڙ ۽ برسات جا بهانه ڪيا پيا وڃن.

بقايا 31 سنڌيار

تحقي طور پيش ڪيو . انهيءَ دوران اسٽيپ فائونڊيشن بورڊ ميمبران اعجاز احمد ڪوڪر، شير محمد ميراڻي ، عبدالحنان ڪلوڙ ۽ ضلعي اڳواڻن حافظ عبدالحليم ، محمد عثمان سومرو ، رجب خاصخيلي ، حيدر منگريو ، مظهر قلبوتو ، فهد امجد ۽ ٻين سميت علائقي جي معززين جان محمد پتو ، محمد ايوب ڪتپر، عبدالوحيد پتو ، بدرالدين شيخ جن شرڪت ڪئي ، محمد علي شيخ جن موجوده سياسي صورتحال موجب ميڊيا سان گفتگو پڻ ڪئي ، صحافين محمد علي شيخ جن کان سياسي شخصيتن سان ملاقاتن ۽ سياسي حل چل بابت سوال پڇيا .جواب ۾ چيو ته پارٽي قيادت جي فيصلي تحت ڪنهن به تڪ تي اليڪشن وڙهندس . في الحال ڪو به حتمي فيصلو ٿيڻ ناهي ٿيو وڌيڪ سکر جي بجيٽ ۽ پارليمينٽ متعلق پڻ وضاحتي ڳالهايو ويو

بقايا 32 سنڌيار

مجروح ٿيا آهن ڪو به مسلمان ڪلام الاهي جي معمولي گستاخي به برداشت نٿو ڪري سگهي اهو اسان جي ايمان ۽ عقيدي جو حصو آهي. ڪو به مذهب ڪنهن جي به مذهبي عقيدن جي توهين جي اجازت نٿو ڏيئي، قرآن پاڪ جي بي حرمتي ناقابل تلافي جرم آهي. سويڊن حڪومت فوري طور تي ان حرڪت تي معافي گهري ۽ گستاخي ڪندڙن کي عبرتناڪ سزا ڏي ته جيئن ڪو به اهڙي قسم جي حرڪت نه ڪري سگهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن تاجر سيڪريٽريٽ گولڊ سينٽر صراف بازار ۽ سکر اسمال ٽريڊرز جي اڳواڻن حاجي محمد جاويد ميمڻ، حاجي عبدالستار راجپوت، عبدالقادر شيواڻي، رئيس قريشي، شڪيل قريشي، حافظ محمد شريف ڏاڏا، بابو فاروقي، محمد منير ميمڻ، محمد ڪاشف شمسي، عبدالباري انصاري، مختياري شامي، طارق علي ميراڻي، سليم ملا، محبوب صديقي، جاويد ميمڻ، سيد محمد شاهه، سعيب ميمڻ، اياز علي ابڙو، ذاڪر خان، احسان ٻنڌاڻي، اعظم خان، ڊاڪٽر سعيد اعوان، امداد جهنديڙ، محمد سجاد عامر، فخرالدين عباسي، صداقت خان ۽ ٻين سان ڳالهه ٻولهه ڪندي ڪيو حاجي محمد جاويد ميمڻ جو وڌيڪ چوڻ هو ته قرآن پاڪ پوري انسانيت جي لاءِ محبت، امن ۽ حڪمت جي ڪتاب آهي. سويڊن ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي ڪري مسلمانن جي دل آزاري ڪئي ويئي اشتعال انگيز شيطاني حرڪت ڪو به ڪلمو پڙهندڙ مسلمان برداشت نٿو ڪري سگهي. هن جو چوڻ هو ته اسلامي ملڪن جي عالمي تنظيم آرگنائيزيشن آف اسلامڪ ڪنٽريز (او آئي سي) زباني ڪلامي مذمتي بيانن کان اڳتي وڌي اهڙي قسم جي حرڪتن کي روڪڻ جي لاءِ موثر قدم کڻي ۽ معاملي کي اقوام متحده ۾ کڻي ڪري توهين ڪندڙن کي عبرتناڪ سزا ڏيارين ته جيئن آئنده ڪو اهڙي قسم جي شيطاني حرڪت جي جرائت نه ڪري سگهي.

بقايا 33 سنڌيار

تمام يوسين مان مخالفين کي شڪست ڏيئي ڪري نئين تاريخ رقم ڪئي آهي پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي هدايت تي بلديا اعليٰ سکر جي ميئر بيرسٽر ارسلان اسلام شيخ ۽ يوسي چيئرمين جي محنت ۽ لگن سبب انشاء الله سکر شهر وڌيڪ ترقي طرف گامزن آهي ڪارڪنن کي پارٽي جي اعليٰ قيادت تي فخر ۽ ناز آهي عوامي نمائندا عوام جي وچ ۾ موجود آهن انهن کي بنيادي ۽ بلدياتي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهيون. اهڙن خيالن جو اظهار هن پنهنجي رهائش گاهه تي مڪي شاهه ٽائون ڪاميٽي 11 نشين پنڊ جي چيئرمين عبدالسميع پيرزادو، منشار ۽ ٻين سان ملاقات دوران ڪيو. هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي سکر جي چونڊيل نمائندن قومي يا صوبائي اسيمبلي ۾ ٻوڪيو ۽ بعد ۾ يوسي چيئرمينن، ڪائونسلرن پنهنجي شهيد قائدين جي فڪر ۽ فلسفي تحت عوامي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ سنجيدگي سان مصروف عمل آهن ۽ نه صرف يوسي بلڪي سکر جي تعمير ۽ ترقي لاءِ عوامي سهڪار سان اچا اڳتي وڌي ڪري ڪوششون ڪنداسي.

بقايا 34 سنڌيار

چيو ته ظلم جي انتها آهي ته اسان رٽائرڊ ملازمن کي پنهنجا جائز حق به نه ٿا ملن جيڪا اسان سان وڏي زيادتي آهي چو ته سال 22.2021 سميت جيڪي به حڪومتي اعلان ڪيا ويا ته پينشن ۾ اضافو ڪيو ويندو انهن تي اڄ تائين عمل ناهي ٿي سگهيو جڏهن ته گريجيوٽي ، فيملي پينشن ، ڊفرنس جيڪي اسان جي حقن ۾ شمار آهن اهي به نه پيون ملن هنن سنڌ سرڪار کي اپيل ڪئي ته سنڌن جيڪي به حق آهن ۽ جيڪي به مراعتون رهيل آهن ته اهي جلد کان جلد ڏئي اسان کي فاقاڪشي واري صورتحال کان بچايو وڃي چو ته اسان جي عمر 75 سال کان مٿي آهي ۽ اها سهپ نه رهي آهي.

بقايا 35 سنڌيار

پاڻي جي ڪوٽ خلاف عوامي تحريڪ وارهه طرفان عوامي هائوس وارهه کان ريلي ڪيدي شهيد فاضل راهو چونڪ تي ڌرڻو هنيو ويو. ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي سينئر نائب صدر ڪامريڊ غلام مصطفيٰ چانڊيو، عوامي تحريڪ ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي صدر عرفان منان چانڊيو، سنڌي شاگرد تحريڪ جي مرڪزي صدر عاطف ملاح، حميد انقلابي، مجيب چانڊيو، سهراب چانڊيو، آفتاب چانڊيو، حامد چانڊيو، خان محمد چانڊيو، هوشو ڪنير، ستار ٻرڙو، شهبار چانڊيو، زڪريا چانڊيو ۽ ٻين چيو ته هرسال سانوڻي جي پاڻي جي هٿرادو ڪوٽ ڪري هاري، آبادگارن کي معاشي حساب سان ڪنگال بڻايو پيو وڃي، پاڻي جي اهڙي چوري ۾ ڪرپٽ آبپاشي آفيسر، ترجا چونڊيل نمائيندا ۽ ٻيا بااثر ملوث آهن جيڪي نٿا چاهين ته هيٺيون طبقو فصل ڪري خوشحال ٿي وڃي، اهڙي ملي ڀڳت ڪندڙ پاڻي چورن خلاف عوامي تحريڪ سدائين ميدان تي اچي حقيقتون عوام تائين پهچايون آهن. تنهن ڪري پاڻي واري جدوجهد ۾ هاري آبادگار ۽ پورهيت کي وڏي چڙهي شرڪت ڪرڻ کپي. اڳواڻن جو چوڻ هيو ته منڊ وارا بااثر ڏاڍ مڙسي ڪري ٻچڙي جي مسڪين هارين جو پاڻي چوري ڪري رهيا آهن. ٻيا وري پنهنجي نجي واٽر ڪورسن ۽ سم نالن وسيلي زرعي پاڻي وهائي بطور ڪٽنو وٺي رهيا آهن جيڪو سراسر ڏاڍ ۽ ظلم آهن. وس واريون ڌريون اهڙي ڏاڍ مڙسي جو نوٽيس وٺي تدارڪ ڪن، ٻئي صورت ۾ پاڻي جي چوري خلاف سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا 36 سنڌيار

صرف تفريح ڪرڻ سميت ماڻي ۽ ميوزيڪل پروگرام جنهن کي گالا نائٽ جو نالو ڏنو ويو پڻ انتظام ڪيا ويو هو جنهن ۾ سنڌ جي ناميارن ڳائڻن اڳوٽي ناليواري سنڌي فنڪار الهڏنو خاصخيلي جي پاڻيجي گلوڪار مجاهد خاصخيلي ۽ حيدرآباد سان واسطو رکندڙ ڳائڻي نيها علي پڻ تقريب ۾ پنهنجا سروڪيريا تقريب ۾ فارما آيڪشن ڪلب (پيڪٽ) ٺٽو جي اڳواڻن چيئرمن شوڪت قريشي - ڪو چيئرمن مجيد ڪٽي ،وائس چيئرمن نورالدين بروهي - صدر فدا ڪٽي ،جنرل سيڪريٽري لالا غفار خان - انفارميشن سيڪريٽري وڪاش ڪمار - اسپورٽس سيڪريٽري زوهيب علي ميمڻ - جوائنٽ سيڪريٽري ٽنو زين شورو ۽ جوائنٽ سيڪريٽري سجاول پاران بهترين پروگرام آرگنائز ڪرڻ تي شهرين ۽ سول سوسائٽي سميت صحافي برادري پاران کين زبردست خراج تحسين پيش ڪيو ويو تقريب ۾ پيڪٽ جي ميمبرن ۽ سنڌن نندڙن ٻارن هر قسم جي انجوائيمينٽ ڪئي وئي جنهن ۾ سوئمنگ پول ۽ آئوٽ ڊور گيمز شامل هيون ڪيڏيون ويون جڏهن ته تقريب ۾ ٺٽو پبلڪ پريس ڪلب ٺٽو جي چيف پيٽرن جاويد لطيف ميمڻ، مقبول حفي بخاري ،سينيئر نائب صدر مظفر خاصخيلي - ٺٽو پريس ڪلب جي صدر اقبال جاکرو - رشيد جاکرو سميت شهرين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي

بقايا 37 سنڌيار

زمينن ۾ ڪاهي پيو آهي سوين ايڪڙن کان وڌيڪ زمين پاڻي هيٺ اچي وئي آهي ٿي ساريالي فصل جي پوکائي لاءِ ڳوٺاڻن طرفان پوکيل ٻيجارو پڻ ٻڏي ويو آهي متاثر ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته ڪوسڪي مائنرجي انجنيئر اظهر پنوجي ناقص ڪارڪردگي سبب مائنر ٽٽي پيو آهي ڪوسڪي مائنر جو آبپاشي انجنيئر اظهر پنو گهاري لڳڻ جي اطلاع باوجود ناهي پهتو آبپاشي عملدار ديوٽي تي اچڻ بدران پنهنجي گهرن تائين محدود بڻيل آهن گهاري جو پاڻي گهرن طرف وڌي رهيو آهي. ڳوٺاڻن الزام لڳائيندي چيو ته ڪوسڪي مائنرجي پچنگ جو ڪم نه ٿيڻ ڪري گهارو لڳو آهي ۽ ڪوسڪي مائنر هنڌان هنڌان ٽٽي رهيو آهي ۽ مختلف هنڌن تان روٽيون پئجي رهيون آهن انجنيئر اظهر پنو ڪوسڪي مائنر سميت آبپاشي ڪاتي ۾ وقتن بوقتن پچنگ ۽ واهن جي پلن جا ٽينڊر ڪرائي ڪروڙين رپين جي ڪرپشن ڪئي آهي جڏهن ته ڪوسڪي مائنر سميت واهن جي پچنگ جو ڪم نه ٿي سگهيو آهي آبپاشي ڪاتو ۽ وزير اعليٰ سنڌ نوٽس وٺي ملوث آبپاشي عملدارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ ڪوسڪي مائنر جو لڳل گهارو بند ڪرايو وڃي.

بقايا 38 سنڌيار

الاضحيٰ جي موقعي تي مسلمانن کي ٻيهر رلايو ويو، عيد الاضحيٰ جي موقعي تي پوليس جي هٿان قرآن پاڪ کي ساڙيو ويو امن امان ۽ دنيا ۾ دنيا جي سڀ کان وڏي دهشتگردي هڪ ٿي وقت اٿي رهندڙ اڍائي ارب مسلمانن جي جذبات کي مجروح ڪيو ويو. اظهار جي آزادي جي آڙ ۾ اسلام تي حملا هرگز برداشت نه ڪيا ويندا. ايم ايس او سنڌ صوبي جي جنرل مئنيجر اعظم طارق انصاري چيو ته پاڪستان حڪومت سويڊن ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي خلاف آواز اٿاري،مغربي دنيا جو بدصورت چهرو دنيا آڏو پڌرو ٿي چڪو آهي سويڊن جي گادي واري شهر جي مسجد ٻاهران عيد الاضحيٰ جي ڏينهن قرآن پاڪ کي ساڙڻ ۽ بي حرمتي ڪرڻ جو واقعو پيش آيو آهي. پرڏيهي اداري موجب استاڪ هوم پوليس عراق جي هڪ شهري کي ڪيترائي پيرا قرآن پاڪ کي جلاوطن ڪرڻ جي اجازت ڏيڻ کان انڪار ڪيو ۽ مقامي عدالت پوليس جي فيصلي کي اظهار جي آزادي جي خلاف قرار ڏئي چڏيو مقامي پوليس عيد جي موقعي تي شهر جي مرڪزي جامع مسجد ٻاهران شهرين کي مظاهرو ڪرڻ جي اجازت ڏني. جنهن بعد جوابدارن قرآن پاڪ کي باهه ڏئي پاڪ ڪتاب جي بي حرمتي ڪئي. ان موقعي تي پوليس پاران ملعون جي حفاظت لاءِ سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا هئا. اتي موجود مسلمانن قرآن پاڪ جي بي حرمتي خلاف سخت احتجاج ڪيو ۽ الله اڪبر جا نعرا هنيا. جڏهن ته پوليس هڪ مسلمان تي پٿراءُ ڪرڻ جو الزام هنيو قرآن پاڪ جي بي حرمتي صاف ظاهر آهي ته انساني قدرن جو ڪو به احترام نه آهي جنهن تي مسلمانن سميت هر باضمير انسان جي دل ڏکايل آهي. ۽ اها ڳڻتي آهي ۽ اها فطري ڳالهه آهي ته مسلم دنيا جو ان ظالمانه عمل تي سخت رد عمل ظاهر ٿئي

بقايا 39 سنڌيار

ڪئي انعام آزاد لاڙڪ ڳوناٽي ۽ عوامي تاريخ قلمبند ڪري عظيم ڪم ڪيو آهي سندس ڪتاب رفرنس طور ڪم ايندو: مقرر رپورٽ موجب نئون ديرو لڳ رتوديرو تعلقي جي تاريخي ڳوٺ پنجوديرو ۾ ناليواري اديب استاد شاعر ۽ محقق سائين انعام آزاد لاڙڪ جي ترتيب ڏنل ڪتاب "پنجوديرو ۾ پيار پريا پهر" جي زبردست مهورتي تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ سنڌ جي مختلف شهرن کان شاعرن اديبن ۽ محققن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي تقريب جي صدارت ناليواري اديب شاعر ۽ براهِ ڪاسٽر ڪوثر ٻرڙو ڪئي ۽ خاص مهمان معروف شاعر پبلشر ۽ صحافي مشتاق بخاري هو جڏهن ته نامور محقق امام راشدي آرٽس ڪائونسل لاڙڪاڻي جي ادب شعبي جو چيئرمين عيسيٰ ميمڻ ۽ مشهور نعتيه شاعر اصغر مهيسر اعزازي مهمانن ۾ شامل هئا خوبصورت پروگرام جي ڪارروائي مزاحمتي شاعر منظور منگي هلائي جڏهن ته ناميارا شاعر ساقي ابڙو منظوم پيتا پيش ڪئي تقريب ۾ مقررن خطاب ڪندي چيو ته پنجوديرو ڳوٺ سنڌ جو قديم تاريخي ۽ علمي ادبي ڳوٺ آهي جنهن ۾ وڏيون وڏيون علمي ادبي شخصيتون ۽ مختلف شعبن ۾ پاڻ مڃائيندڙ متحرڪ ڪردار پيدا ٿيا جن سڄي سنڌ ۾ پنجوديرو جو نالو روشن ڪيو سائين انعام آزاد لاڙڪ پنجوديرو ۽ پسگردائي جي عوامي ۽ ڳوٺائي تاريخ لکي يقينن وڏو عظيم ڪم ڪيو آهي سندس هي ڪتاب "پنجوديرو ۾ پيار پريا پهر" ايندڙ نسلن لاءِ رفرنس طور ڪم ايندو ان موقعي تي ڪتاب جي ليکڪ انعام آزاد لاڙڪ کي دوستن پاران مبارڪون ۽ مختلف تحفا ڏيڻ سان گڏ ٻن ادارن پاران مڃتا سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنا ويا تقريب ۾ مٿين کان علاوه ناميارا محقق برڪت جيهو، مزاحمتي شاعر ساقي ابڙو، جي ايم رئيساڻي، جاويد جوش منگي، جيون لاڙڪ، سندر سومرو، رياض حسين ميمڻ، سليم سولنگي، مختيار ٻرڙو، سميع ساجد جوڻيجو ۽ ٻين پڻ انعام آزاد لاڙڪ جي شخصيت ۽ سنڌس ڪيل قلمي پورهئي تي روشني وڌي

بقايا 40 سنڌيار

سالگره جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو سالگره تقريب ۾ هنگورجا ،محراب پور، سيٺارجا، پيروسڻ ۽ ٻين شهرن جي صحافين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. سالگره تقريب ۾ سينيئر صحافي غلام حسين جاٽنگ کي سينيئر صحافين پاران سنڌ جي ثقافت اجرڪ، ٽوپين جا تحفا پڻ پيش ڪيا ويا. ان موقعي تي سنڌ صحافي سنگت جي مرڪزي وائيس چيئرمين بچل هنگورو پاران آيل مهمانن کي آجياڻو پيش ڪيو. جڏهن ته تقريب کي سينيئر صحافي غلام حسين جاٽنگ، خير محمد عامر، اخلاق جوکيو، حسين بخش ڪهر، طارق علي راجپر، دردل خان نوح پوٽو ،شزاد مغل، عبدالجبار جاٽنگ، مجاهد خان ساماٽيو، منٺار علي سومرو، قاسم سنڌي، سرفراز ميمڻ، ظفر گهانگهرو، غلام سرور مغل، غلام مصطفي مغل ،مشتاق ملڪ، امان الله جت اظهر جوکيو خالد گهانگهرو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سڀ صحافي پاڻ ۾ متحد هونداسين ته

بقايا 41 سنڌيار

تي مظاهرو ڪندڙن جو چوڻ هو ته قرآن پاڪ اسان مسلمانن جو مقدس ڪتاب آهي جنهن جي بيحرمتي ڪندڙن کي شرم اچڻ گهرجي قرآن پاڪ جي بيحرمتي ناقابل برداشت آهي مظاهرو ڪندڙن جو وڌيڪ چوڻ هو ۽ اهڙي ڪرڻ تي سموري دنيا جي مسلمانن ۾ ڏک جي لهر ۽ ڪاوڙ ڇانيل آهي جڏهن ته مسلمان ملڪن ۽ او آئي سي کي گهرجي ته سوئيڊن حڪومت خلاف ايڪشن ڪن مظاهري جي قيادت سماجي اڳواڻ غلام مجتبيٰ خشڪ .ارشاد ڪتري. ساجد شاهه جيلاني ۽ مظهر ميمڻ - سجاد سمون ۽ بابو خشڪ ڪري رهيا هيا

روزاني سنڌيار کي نمائندا گهرجن

روزاني سنڌيار
Reg No 2677
ABC Certified
Daily SINDHYAR Karachi
www.dailysindhyar.com
NTN 4129440-8

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالاجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي، روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جي هيراڪ نمائندن نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالاجي بابت ٽريننگ به ڏينداسين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com